ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 09 جنوري 2026 ع 19 رجب المرجب 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويپہ شمارو (147)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Daily Ibrat Karachi Friday 9th January 2026
Daily Ibrat Hyderabad Friday 9th January 2026

قومي سلامتي بابت زيرو ٽالرنس پاليسي ۽ خودمختياري جو تحفظ پاڪ فوج جي پهرين ترجيح آهي: فيلڊ مارشل

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، لاهور گيريزن جو دورو ڪيو، جتي ڪيس آپريشنل تيارين بابت بريفنگ ڏني وئي، فيلڊ مارشل فارميشن جي انتظامي، هيڊ ٽيندڙ تربيتي مشقن جو جائزو ورتو

پاڪ فوج جي سربراه فيلڊ مارشل سي ايم ايڇ لاهور ۾ هلو ڪيئر سينٽر جو به دورو ڪيو، طبي عملي ۽ انتظاميا جي خدمتن جي واکاڻ، مستقبل جي جنگين بابت تيارين ۽ جدت اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو

پاڪ فوج هر قسم جي چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي، پاڪستان جون هٿياربند فوجون ملڪ جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ اندروني استحڪام جي تحفظ لاءِ ثابت قدم آهن: سيد عاصم منير

فوج اعليٰ معيار، نظم ۽ ضبط ۽ بي لوث قومي خدمت ڪي هٿي ڏئي رهي آهي، پاڪ فوج جديد گهرجن سان هم آهنگ ٿيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿي، جوانن جي جسماني فٽنيس ۽ مورال اسان جي ترجيح آهي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ/اي پي پي) چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي ته قومي سلامتي کي درپيش خطرن بابت زيرو ٽالرنس پاليسي آهي، خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جو تحفظ پاڪ فوج جو پهريون مشن آهي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير لاهور گيريزن جو دورو
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف کي گورنر هائوس اچڻ تي گارڊ آف آنر پيش

بلوچستان جي گورنر جعفر خان مندوخيل وزيراعظم شهباز شريف جو استقبال ڪيو

ڪوئيٽا (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف کي گورنر هائوس اچڻ تي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو. بلوچستان جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

چيف آف ڊفينس فورسز سان بنگلاديشي ايئر چيف جي ملاقات، دفاعي تعاون وڌائڻ تي اتفاق

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان بنگلاديشي فضائيه جي سربراه ايئر چيف مارشل حسن محمود خان جي ايڇ ڪيو راولپنڊي ۾ ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ پيشيوراڻي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ، تربيتي رابطن جي مناسبت ۽ راڻ ۽ دفاعي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ سميت اهم معاملن تي ڳالهيون

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان بنگلاديشي فضائيه جي سربراه ايئر چيف مارشل حسن محمود خان جي ايڇ ڪيو راولپنڊي ۾ ملاقات ڪئي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: بنگلاديش جي هوائي فوج جي سربراه ايئر چيف مارشل حسن محمود خان کي چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير شيلڊ ڏئي رهيو آهي

وزيراعظم يوٿ ليپ ٽاپ اسڪيم جو مقصد شاگردن کي جديد تعليمي وسيلا فراهم ڪرڻ آهي: وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ترڪي جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان فون تي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اين ايف سي تحت صوبن کي وسيلا فراهم ڪيا پيا وڃن، ڪراچي کان چمن تائين روڊ ٺاهي رهيا آهيون: شهباز شريف

پاڪستان جو امن تباهه ڪرڻ ۾ پاڙيسري ملڪن جو هٿ آهي، بلوچستان مان دهشتگردي جو خاتمو ڪنداسين: وزيراعظم

بلوچستان جاگرافيائي لحاظ کان پاڪستان جو سڀ کان وڏو صوبو آهي، صوبي کي درپيش سيڪيورٽي، معاشي ۽ ترقياتي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ وفاق ۽ صوبي کي گڏجي اڳتي وڌڻو پوندو

دهشتگردن خيبر پختونخوا جيان بلوچستان ۾ به مسئلا پيدا ڪيا، خارجين کي اسان جي پاڙيسري ملڪ مان مدد پئي ملي، فيلڊ مارشل دهشتگردي خلاف جنگ ۾ فوج جي قيادت ڪري رهيو آهي

بلوچستان ۾ سمورين مشڪلاتن ۽ چئلينجز جي باوجود موجوده صوبائي حڪومت بلوچستان جي عوام جي خدمت ۾ مصروف عمل آهي، جيڪا خوش آئند ڳالهه آهي، صوبو دهشتگردي سبب متاثر ٿيو آهي

پاڪ فوج، پوليس، ايف سي، رينجرز، ليويز ۽ عام شهرين جون قربانيون تاريخ ۾ سنهري لفظن سان لکيون وينديون، پاڙيسري ملڪن پاران دهشتگردن کي معاونت ڏيڻ انتهائي افسوسناڪ ڳالهه آهي

پنجاب پنهنجي حصي مان ساليانو 11 ارب رپيا بلوچستان کي ڏنا، جنهن تي دلي خوشي آهي ۽ هو اين ايف سي ايوارڊ گذريل 16 سالن کان لاڳو آهي، نئين اين ايف سي ايوارڊ جي لاءِ ڪميٽيون ڪم ڪري رهيون آهن

جڏهن ڳالهه پائين ۽ خاندان جي هجي ته پوءِ حصن تي نه پر گڏجي ويهي فيصلا ڪيا ويندا تڏهن ته لاهور تاحلد ۽ انفاق سان وفاق کي مضبوط بڻائڻ سان گڏ صوبن جي وچ ۾ فاصلن کي ختم ڪرڻو پوندو

سال 2022ع ۾ ٻوڏ سبب بلوچستان ۾ تباهي آئي ته وفاقي حڪومت ورلڊ بئنڪ کان 400 ملين ڊالرز جا فنڊز حاصل ڪيا، جيڪي صوبي جي بحالي تي خرچ ڪيا پيا وڃن: ڪوئيٽا ۾ سياسي اڳواڻن سان ڳالهيون

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ/اي پي پي) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته دهشتگردن خيبر پختونخواهه جيان بلوچستان ۾ به مسئلا پيدا ڪيا، اسان دهشتگردي جي خاتمي تائين سُک سان نه ويهنداسين. ڪوئيٽا ۾ سياسي اڳواڻن سان گفتگو ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته خارجين کي اسان جي پاڙيسري ملڪ مان مدد پئي ملي، فيلڊ مارشل دهشتگردي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: وزيراعظم شهباز شريف بلوچستان جي چونڊيل نمائندن کي خطاب ڪري رهيو آهي، وڏو وزير سرفراز بگٽي، اسپيڪر اياز صادق ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پڻ موجود آهن

ڀارت خطي جي امن ۾ خلل وجهندڙ رهيو آهي، ڪشميرين جي حمايت جاري رهندي: پاڪستان

پاڪستان ڪشميري عوام جي منصفاڻي جدوجهد ۾ اڻٽڪ اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو

5 جنوري تي پاڪستان جي عوام جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان گڏجي خودمختياري جي حق جو ڏهاڙو ملهايو

گذيل قومن جي نگراني ۾ هڪ آزاد ۽ منصفاڻي ريفرنڊم جي ذريعي ڪشميرين جي مستقبل جو فيصلو ڪيو وڃي

قابض عملدارن بالترتيب علائقي ۾ 16 سياسي تنظيمن تي پابندي مڙهي ڇڏي آهي، جيڪا ڪشميرين جي شهيد ڪيو ويو: پرڏيهي ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي ان پراڻي موقف جو ورجاءُ ڪيو آهي ته هو ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق حاصل ڪرڻ جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي بار جي چونڊن ۾ التوا بابت داخل ڪيل درخواست رد ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ڪشمير هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن: انجنيئر امير مقام

مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت جو سبب ماضيءَ ۾ نواز شريف ۽ ان جي خدمت جو سفر آهي

جڏهن ڀارت بزدلاڻو حملو ڪيو ته ڪشمير جو جذبو ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشميس گلگت
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آئيني عدالت جو قيام پارليامينٽ جي دانشمندانہ قانونسازي جو ثبوت آهي: وزير قانون

ننڍن صوبن کي مناسب ۽ متوازن نمائندگي فراهم ڪئي وئي آهي ۽ وفاق کي درپيش پراڻين محرومين جو خاتمو ممڪن بڻايو ويو آهي

27 هين آئيني ترميم کي سياسي چارٽر جو حصو بڻايو ويو هو ۽ ان وقت سمورين سياسي پارٽين ان ترميم کي تسليم ڪيو هو

ماضي ۾ سپريم ڪورٽ ۾ ننڍن وحدتن جي نمائندگي تناسب موجب نه هئي، جنهن سبب اعتراض جنم وٺندا رهيا: اعظم نذير تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته 27 هين آئيني ترميم جو بنيادي مقصد آئيني عدالت جو قيام آهي جنهن ذريعي ننڍن صوبن کي مناسب ۽ متوازن نمائندگي فراهم ڪئي وئي آهي ۽ وفاق کي درپيش پراڻين محرومين جو خاتمو ممڪن بڻايو ويو آهي هو گذريل ڏينهن سپريم ڪورٽ بار ۾ ايڊووڪيٽ طلعت
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

نيول چيف سان بنگلاديش ايئرفورس جي چيف آف ايئر اسٽاف جي ملاقات

نيول هيڊ ڪوارٽرز پهچڻ تي پاڪ بحريه جي سربراهه معزز مهمان جو آڌرڀاءُ ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف سان بنگلاديش ايئرفورس جي چيف آف ايئر اسٽاف ايئر
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جا بنگلاديش، انڊونيشيا، ملائيشيا، مصر ۽ ميانمار جي پرڏيهي وزيرن سان رابطا

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ٻطرفي لاڳاپن ۽ علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي: پرڏيهي آفيس

ٻنهي طرفن کان مسلسل مشاورت جي اهميت تي زور ڏنو ويو ۽ سمورين سطحن تي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بنگلاديش، انڊونيشيا، ملائيشيا، مصر ۽ ميانمار جي پرڏيهي وزيرن سان ڌار ڌار ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه دوران ٻطرفي لاڳاپن سميت ايشيا ۽ وچ اوڀر جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پي آءِ اي پاران لاهور کان لنڊن تائين اڏامون شروع ڪرڻ جو اعلان

اڏامون هيٿرو ايئرپورٽ جي ٽرمينل 4 تي لينڊ ڪنديون: ترجمان پي آءِ اي

لاهور (اي پي پي) پي آءِ اي لاهور کان لنڊن
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيمبر آف ڪامرس جو صدر محمد ريحان سنڌ سماءِ واري وفاقي وزارت جي ترجمان راجا خليق الزمان کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪورٽ سرڪيولر پارليامينٽ جي ٺاهيل قانون يا شيڊول کي محدود نٿو ڪري سگهي: وفاقي آئيني عدالت

اي او بي آءِ بابت نهايت اهم ۽ تاريخي فيصلو: 14 سال 6 مهينا يا ان کان وڌيڪ سروس تي اولڊ ايج پينشن جو حق تسليم

فيصلو وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ جسٽس سيد حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس ارشد حسين شاهه تي ٻڌل 3 رڪني بينچ ٻڌايو

ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽس ايڪٽ 1976ع سان گڏيل شيڊول قانون جو لازمي ۽ اڻٽٽ حصو قرار، هي اصول صرف پينشن جي رقم جي حساب تائين محدود ناهي: عدالت

اي او بي آءِ هڪ فلاحي ادارو آهي، ڪجهه مهينا يا ڏينهن جي گهٽتائيءَ جي بنياد تي ڪنهن شخص کي سڄي زندگيءَ جي پينشن کان محروم ڪرڻ انصاف، قانون ۽ آئين خلاف آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت پنهنجي هڪ فيصلي ۾ قرار ڏنو آهي ته ڪورٽ سرڪيولر پارليامينٽ جي ٺاهيل قانون يا ان جي شيڊول کي محدود نٿو ڪري سگهي. وفاقي آئيني عدالت پاران جاري تفصيلي لکت واري فيصلي موجب وفاقي آئيني عدالت ايمپلائيز اولڊ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سامونڊي معاملن جو وفاقي وزير جنيد انور چوڌري ڪراچي پورٽ تان فيري سروز شروع ڪرڻ واري تقريب ۾ شريڪ آهي

سنڌ ۾ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ گاڏيون ضبط ڪرڻ سان گڏ ڪيس به داخل ڪيا ويندا: شرجيل ميمڻ

اوور لوڊنگ، غلط اوورٽيڪنگ، تيز رفتاري، لاپرواهه ڊرائيونگ ۽ ون وي جي ڀڃڪڙين کان پاسو ڪيو وڃي

تعليمي ادارن جي گاڏين ۾ سي اين جي، ايل پي جي ۽ ايل اين جي جي استعمال تي پابندي هوندي

سمورن پبلڪ سروس گاڏين ۾ ايمرجنسي ايگزٽ، فرسٽ ايڊ باڪس ۽ فائر ايڪسٽينگشر جي دستيابي لازمي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ کاتي سمورن ٽرانسپورٽرز کي ٽريفڪ قانون ۽ روٽ پرمٽس جي شرطن تي سختي سان عمل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪندي چتاءُ ڏنو آهي ته قانونن جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هاري ڪٽنب جون ناريون گڏهه گاڏي تي فصل ڏانهن وڃي رهيون آهن

ڪراچي: سيڪيورٽي ڊويزن پاران آفيسرن ۽ اهلڪارن کي ڪارڪردگي ايوارڊ

گذريل سال ڊسمبر مهيني ۾ "ايمپلائيز آف دي منٿ" لاءِ آفيسر ۽ اهلڪارن کي چونڊيو ويو

تقريب دوران ڪمانڊنٽ ايس ايس يو عامر خان نيازي آفيسرن ۽ اهلڪارن ۾

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪيورٽي ڊويزن پنهنجي ڊيلي يونٽن لاءِ ماهه ڊسمبر 2025ع جي حوالي سان "ايمپلائيز آف دي منٿ" جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي چونڊيل آفيسرن ۽ اهلڪارن کي سندن شاندار ڪارڪردگي، فرض سان وابستگي ۽ آپريشنل معيارن تي مسلسل عملدرآمد جي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ وفاقي حڪومت وچ ۾ ريلوي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ اربين رپين جي منصوبي تي اتفاق

وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي وچ ۾ هڪ فيصلائتو اجلاس ٿيو

صوبي ۾ موجود 308 مان 100 ميڊ ريلوي ڪراسنگن جي تبديلي، ريلوي نظام جي بحالي بابت فيصلا

منصوبي جي شروعات ڪراچي کان ڪشمور ۽ ٽرپارڪر وارن رستن کان ڪئي ويندي: اتفاق

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي وچ ۾ ٿيل هڪ فيصلائتي اجلاس ۾ صوبي جي ريلوي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ اربين رپين جي منصوبي تي اتفاق ڪيو ويو هن منصوبي جي شروعات ڪراچي کان ڪشمور ۽ ڪراچي کان ٿرپارڪر رستن کان ڪئي ويندي جنهن جو مقصد لکين شهرين کي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير طارق فضل چوڌري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي بار ۽ پوليو ورڪيل وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب، ڪيس واپس وٺڻ جو فيصلو

بار صدر عامر نواز وڙائچ ۽ پوليو ور رجب ٻٽ جي وڪيل بئرسٽر ميان علي اشفاق ۾ ڳالهيون ٿيون

ٻنهي ڌرين هڪٻئي خلاف داخل ڪيل سمورا ڪيس ۽ درخواستون واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ چيو آهي ته تازي واقعي سبب ڪراچي بار جي ساک متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته ڪراچي بار ۾ هر قوم، مذهب ۽ فرقو عزت ۽ احترام سان ڏٺو وڃي ٿو هن ڳالهه ڪراچي بار ۾ گڏيل
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جو ڪراچي ٽرانسفارميشن پلان ۽ ترقياتي اعلان رڳو بيان بازي آهن: سردار عبدالرحيم

سموري شهر جي اندروني علائقن ۾ روڊ ۽ سيوريج جو نظام مڪمل طور تباهه ٿي چڪو آهي

عوام کي نمائشي منصوبن بدران بنيادي سهولتون گهرجن، شفافيت کان سواءِ صورتحال بهتر نه ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل ۽ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي)
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪ سوزوڪي ڪمپني ڀلائي ۾ تعليمي ادارن جي اڏاوت ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي: هيروشي ڪاوامورا

ڪمپني جي ايم ڊي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ظفر ٽائون بن قاسم جي عمارت جو افتتاح ڪيو

شاگرد بهتر اسڪولن ۾ معياري تعليم حاصل ڪري باشعور قوم بڻجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪن: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪ سوزوڪي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اوڪاڙا: مصور خليل تجمي هاءِ ڪمشنر محمد سليم کي قائداعظم جو پورٽريٽ پيش ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ به گهريلو ملازم عورتون فليٽ مان لکين رپين جي چوري ڪري فرار

فيروز آباد ۾ ليڊي ڊاڪٽر هڪ عورت کي ملازم رکيو جيڪا ٻي عورت کي گڏ وٺي آئي

ٻئي عورتون گهر مان 5 تولا سون جا زيور، هيرن جون منڊيون ۽ ٻيو سامان ڪڍي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي فيروز آباد ۾ خالد بن وليد روڊ تي هڪ رهائشي عمارت جي هڪ فليٽ مان ٻه گهريلو ملازم صفايو ڪري فرار ٿي ويون ايس ايڇ او فيروز آباد عديل افضل چيو ته ليڊي ڊاڪٽر 5 جنوري تي هڪ گهريلو ملازم کي رکيو هو ۽ ٻئي ڏينهن 6 جنوري تي هوءَ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ ٻي گڏيل سي پي اي ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ريجنل ڪانفرنس بابت تجويزون طلب

اسپيڪر اويس قادر شاهه جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ميمبرن کي ڪانفرنس جي تيارين بابت بريفنگ ڏني وئي

صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کان ڪانفرنس سان لاڳاپيل معاملن تي رايا ۽ تجويزون پڻ ورتيون ويون

اسپيڪر طرفان ڪانفرنس جي حوالي سان ميمبرن کي مختلف ذميواريون پڻ حوالي ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت اسپيڪر صوبائي اسيمبلي سنڌ سيد اويس قادر شاهه ڪئي، اجلاس ۾ ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد سميت صوبائي اسيمبلي جي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

تحريڪ انصاف جي ڪنهن وفد سان اسپيڪر جي ملاقات جو شيڊول نه هو: قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جو ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي ترجمان چيو آهي ته
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايس آءِ يو ۽ ٽاسڪ فورس جون ڪارروايون، منشيات فروش مارجي ويو

شريف آباد ۾ ڪارروائي دوران هڪ منشيات فروش مارجي ويو، وڏي مقدار ۾ منشيات ۽ هٿيار هٿ

ناردرن باءِ پاس تي ريڪو ڊبل تي سوار منشيات فروشن سان مقابلي بعد هڪ زخمي جوابدار سوگهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس آءِ يو ۽ ٽاسڪ فورس ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون ڪيون جنهن دوران سخت فائرنگ ڪئي وئي، شريف آباد ۾ مبينا ڪارروائي دوران هڪ منشيات فروش مارجي ويو ۽ سندس قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات ۽ هٿيار هٿ
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: سردي وڌڻ بعد ڪوهيڙي ۾ مسافر پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيا آهن

ڏڪڙي ۾ نوجوان کي اگهاڙو ڪري تشدد ۽ تذليل، وڊيوز وائرل

زاهد ڪلوئي کي ڳوٺاڻن پڪڙي اگهاڙو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو

وڊيو پوري سوشل ميڊيا تي وائرل ڪئي وئي، سماجي تنظيمن پاران ڪارروائي جو مطالبو

ڏڪڙي (ن ع) ڏڪڙي پريس نوجوان کي اگهاڙو ڪري تشدد ۽ ذلت آميز وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل انساني حقن جي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هڪ فليٽ اندران عورت جو قاهو لڳل لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڪلفٽن بلاڪ 4 ۾ هڪ فليٽ مان ڦاهو لڳل
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مان مليل عورت لاش جي سڃاڻپ، دوستي نه رکڻ تان قتل جو شڪ

ڀيرين جنوري تي چادر ۾ ويڙهيل تشدد ٿيل لاش جي سڃاڻپ آسيه زوجه جواد جي نالي ٿي

نازڪ هاشمي نالي شخص منهنجي زال کي دوستي نه رکڻ تي ڌمڪيون ڏنيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ ڀيرين جنوري تي ڪچري جي ڍير وٽ چادر ۾ ويڙهيل هڪ نامعلوم عورت جي تشدد ٿيل لاش جي سڃاڻپ 36 سالن جي آسيه زوجه جواد جي نالي سان ڪئي وئي آهي مقتولہ سهراب ڳوٺ جي رهواسي هئي جيڪا ڀيرين جنوري تي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ جا ماڻهو انتهائي محبت ڪندڙ ۽ مهمان نواز آهن: جسٽس ظفر احمد راجپوت

نوشهروفيروز ۾ مرحوم جي ايم عباسي دوست رهيو آهي ۽ ٻنهي سان به خانداني تعلقات آهن

سيشن ڪورٽ ۾ وڌيڪ جج مقرر ڪيا ويندا ۽ وڪيلن لاءِ هائوسنگ سوسائٽي پڻ ڏني ويندي

خيرپور/نوشهروفيروز (نمائندن وٽان) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت نوشهروفيروز پهچي اي ڪي سي (دهشتگردي روڪ) ڪورٽ جي تعميراتي ڪم جو جائزو ورتو ۽ نئين بلڊنگ جو
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ميمڻ ڳوٺ ۾ ڪچرا ڪنڊي مان ڏاڙي ڇاول ڀاڙي جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميمڻ ڳوٺ جي زرگر پاڙي پريسان ڪچري جي ڪنڊي مان
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس آخري ڏاڙيل جي خاتمي تائين سندن پيڇو جاري رکندي: ضياءُ لنجار

رتوديرو ويجهو پوليس پاران دهشت جي علامت ٻڌيل ڌاڙيلن خلاف بهادراڻو قدم ساراهه جوڳو آهي

شهرين جي سڪون ۽ علائقي جو امن خراب ڪندڙ عنصرن کي مڪمل طور ختم ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار رتوديرو ويجهو لاڙڪاڻو پوليس پاران انتهائي خطرناڪ ۽ دهشت جي علامت ٻڌيل ڌاڙيلن خلاف بهادراڻو قدم کڻڻ تي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ سندن ٽيمز جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي شاباس ڏني آهي. هن چيو ته
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بدين ۾ ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سوين ماڻهن جو ڌرڻو، سمورا روڊ بلاڪ، سوين گاڏيون بيٺيون رهيون

راڄوننظاماڻي جي ڳوٺ راهوڪولهي ۾ بااثر زميندار سرفراز نظاماڻي هٿان قتل ٿيل نوجوان جي وارثن ۽ ڪولهي برادري جي سوين ماڻهن احتجاج ڪيو

ايس ايس پي بدين پاران 24 ڪلاڪن اندر جوابدار گرفتار ڪرڻ وارو واعدو پورو نه ٿيڻ تي شهر جي مک باءِ پاس چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

احتجاج ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن سميت ڪولهي برادري جي عورتن ۽ ٻارڙا پڻ وڏي انگ ۾ شريڪ، ڌرڻو جاري رکڻ جو اعلان

بدين (د ر) پيرو لاشاري جي علائقي راڄو نظاماڻي جي ڳوٺ راهو ڪولهي ۾ بااثر زميندار هٿان هاري جي بي رحماڻي قتل واري واقعي کان پوءِ انصاف نه ملڻ خلاف ڪولهي برادري جو احتجاج چوٿين ڏينهن به جاري آهي واقعي کي چار ڏينهن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ايس ايس پي بدين پاران سرفراز نظاماڻي جو پتو ڏيندڙ کي 10 لک رپيا انعام ڏيڻ جو اعلان

بدين: ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران مقتول ڪيلاش ڪولهي جي قاتل سرفراز نظاماڻي جو پتو ڏيڻ واري لاءِ 10 لک رپيا انعام جو اعلان ڪيو ويو
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

بدين: زميندار هٿان قتل ٿيل هاري نوجوان ڪيلاش ڪولهي جو قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف سياسي سماجي ڌرين پاران ڌرڻو هنيو پيو وڃي

ڪيلاش ڪولهي جي قتل خلاف ڏڪڙي ۾ ڪولهي برادري پاران سخت احتجاجي مظاهرو

ڏڪڙي (ن ع) ڏڪڙي تلهار ۾ ناحق قتل ٿيل پورهيت نوجوان ڪيلاش ڪولهي جي قتل خلاف ڏڪڙي ۾ ڪولهي برادري پاران سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سياسي، سماجي، قومپرست ۽ مذهبي تنظيمن جا اڳواڻ پڻ ڌرڻي ۾ پهچي ويا

جي يو آءِ، پي ٽي آءِ، جسقم، عوامي تحريڪ، جسم، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ شريڪ

جيڪڏهن قانون صرف غريبن لاءِ آهي ته اهڙي انصاف کي قبول نٿو ڪري

بدين: احتجاجي ڌرڻي ۾ جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ)، پاڪستان تحريڪ انصاف، جئي سنڌ محاذ، قومي عوامي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس جي 45 ڊي ايس پيز کي ايس پي جي عهدي تي ترقي، نوٽيفڪيشن جاري

سمورن آفيسرن جون ترقيون سروس رولز ۽ ميرٽ تحت ڏنيون ويون آهن: نوٽيفڪيشن

نون ايس پيز جون مقرريون لاڳاپيل اختيارين جي هدايتن مطابق ڪيون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس ۾ ڊي ايس پي کان ايس پي جي عهدي تي ترقيءَ بابت باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي جنهن تحت پوليس کاتي جي 45 ڊي ايس پيز کي ايس پي جي عهدي تي ترقي ڏني وئي آهي ترقي ماڻيندڙ آفيسرن ۾ منصور علي بزدار، ذڪريا عالم خان ۽ اظهار حسين لاهوري شامل آهن جڏهن ته عديل رضا يوسفزئي، محمد اسلم انور ۽ محمد بخش خشڪي کي پڻ ايس پي جي عهدي تي ترقي ملي آهي ان کان علاوه جهانگير احمد هاشمي، غلام مصطفيٰ ڪاڇلو ۽ ذوالفقار حيدر کي ايس پي طور مقرر ڪيو ويو آهي عبدالقيوم مزاري، سڪندر علي شاهه ۽ خالد جاويد به ترقي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سائيڪل تي هڪ شخص ٻارن جي ڪاڌي جون شيون رکي لاءِ ڪٽي وڃي رهيو آهي

حڪومت جي ترجيح آهي ته ڪو به مستحق علاج کان محروم نه رهي: عمران شاهه

بيت المال جي مالي مدد واري پروگرام کي وڌيڪ موثر، شفاف ۽ فعال ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير سيد عمران احمد شاهه چيو آهي ته موجوده حڪومت جي ترجيح آهي ته ڪو به مستحق ماڻهو سرجري يا مصنوعي عضون جي علاج
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ٿر پارڪر ۾ ناياب قسم جي 4 هرڻن جو شڪار، 11 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

صاحبڏنو، ڪرشن ڀيل، ڪيول، هيمراج، جيتمال ڪولهي ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدار شڪار ڪري موقعي تان فرار ٿي ويا آهن، ڪيس داخل ڪيو آهي: وائلڊ لائف ڪاتو

مٺي (د ر) ٿرپارڪر جي علائقي مان ناياب قسم جي هرڻن جو شڪار، چار هرڻن جي شڪار جو نشانو بڻايو ويو شڪار ڪاتي پاران 4 هرڻن جا 11 ڄڻن تي 2 ڌار ڌار سرڪار پاران انسپيڪٽر محمد عثمان
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: جرمني جي سفير اينا ليپل تقريب ۾ ڳالهائي رهي آهي

ڪراچي ۾ پوليس تي فائرنگ ڪندڙ ٻه انتهائي خطرناڪ ڌاڙيل مقابلي ۾ مارجي ويا

ڪياماڙي پوليس جي مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل ڌاڙيلن جي سڃاڻپ ارشد ۽ سعيد طور ڪئي وئي

مارجي ويلن وٽان ٻه پستول، ڦُر ڪيل موبائل فون ۽ چوري جي موٽر سائيڪل برآمد ڪئي وئي آهي

جوابدار پوليس کي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ انتهائي گهربل هئا: ايس ايس پي امجد احمد شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پوليس تي فائرنگ ڪندڙ ٻه انتهائي خطرناڪ ڌاڙيل مقابلي ۾ مارجي ويا آهن. ايس ايس پي ڪياماڙي امجد احمد شيخ ٻڌايو آهي ايس ايس پي موجب مارجي ويل ڌاڙيلن وٽان ٻه پستول
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: شهر جو گند اڇلائڻ واري هنڌ تان لاچار عورتون استعمال جوڳيون شيون گڏ ڪري رهيون آهن

رتوديرو پوليس مبينا مقابلي ۾ 20 لک انعام يافته ۽ بدنام ڌاڙيل مارڻ هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

حد باءِ پاس واري علائقي ۾ پوليس مقابلي دوران ٻه ڌاڙيل مارجي ويا آهن: ايس ايس پي احمد فيصل

مارجي ويلن جي سڃاڻپ بدنام ڌاڙيل خدابخش عرف خدو جلباڻي ۽ مير حسن عرف ميرو جلباڻي طور ٿي آهي

جوابدار انتهائي گهربل، سنگين نوعيت جي 55 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ ملوث ۽ 15 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ اشتهاري هئا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس مبينا مقابلي ۾ 2 انعام يافته ڌاڙيلن کي مارڻ هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته رتوديرو ٿاڻي جي حد باءِ پاس واري علائقي ۾ پوليس مقابلي دوران ٻه ڌاڙيل مارجي ويا آهن جن جي سڃاڻپ 20 لک انعام يافته بدنام
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 — گارڊ آف آنر پيش

گورنر جعفر خان مندوخيل استقبال ڪيو. ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب گورنر هائوس ۾ وزيراعظم سان بلوچستان جي گورنر جعفر خان مندوخيل ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ بلوچستان جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. بلوچستان جي گورنر وزيراعظم کي بلوچستان ۾ جاري ترقياتي منصوبن ۽ انهن ۾ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو. ملاقات ۾ بلوچستان جو وڏو وزير مير سرفراز احمد بگٽي، وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال، عليم خان، راڻا ثناءُ الله ۽ بلوچستان جا سياسي اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا 2 — وزيراعظم

خلاف جنگ ۾ فوج جي قيادت ڪري رهيو آهي. اسان دهشتگردي جي خاتمي تائين سک سان نه ويهنداسين هن چيو ته اين ايف سي تحت صوبن کي وسيلا فراهم ڪيا پيا وڃن. ڪراچي کان چمن تائين روڊ ٺاهي رهيا آهيون. وزيراعظم محمد شهباز شريف دهشتگردي جي خاتمي، بلوچستان جي ترقي ۽ قومي يڪجهتي تي زور ڏيندي چيو آهي ته بلوچستان جاگرافيائي لحاظ کان پاڪستان جو سڀ کان وڏو صوبو آهي. صوبي کي درپيش سيڪيورٽي، معاشي ۽ ترقياتي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ وفاق ۽ صوبي کي گڏجي اڳتي وڌڻو پوندو. پاڪ فوج ۽ سيڪيورٽي ادارن جي قربانين جي ڪري ملڪ جو دفاع مضبوط ٿيو آهي. اين ايف سي ايوارڊ، وڏن ترقياتي منصوبن، دانش اسڪولز ۽ زرعي سڌارن جي ذريعي گڏجي ريهي اتحاد ۽ اتفاق سان بلوچستان کي ترقي جي قومي ڌارا ۾ شامل ڪيو پيو وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪوئيٽا ۾ سياسي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو. ان موقعي تي بلوچستان جو گورنر شيخ جعفر خان مندوخيل، وڏو وزير مير سرفراز احمد بگٽي، قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، سينيٽ جو ڊپٽي چيئرمين سيدال خان ناصر، وفاقي وزير احسن اقبال، عبدالعليم خان، وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله، بلوچستان اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ مير يونس عزيز زهري، بلوچستان جا صوبائي وزير مير سليم کوسا، مير شعيب نوشيرواني، مير ظهور احمد بليدي، صوبائي صلاحڪار نوابزاده زين بگٽي، اسيمبلي ميمبر سياسي پارٽين جا قائدين، قومي اسيمبلي ميمبر مولانا عبدالواسع، اڳوڻو وڏو وزير ڊاڪٽر مالڪ بلوچ، سينيٽر عبدالقادر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. وزيراعظم

بقايا 3 — ڪشمير

آهي. بيگناهه ڪشميرين جي پروفائيلنگ، هراسمينٽ، انڌاڌنڌ گرفتارين ۽ نام نهاد "ڪارڊن اينڊ سرچ" آپريشنز والاريل علائقي ۾ معمول بڻجي چڪا آهن. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته هزارين ڪشميري اڳواڻ ۽ سول سوسائٽي جا ميمبر قيد جون مصيبتون برداشت ڪري رهيا آهن. مسرت عالم، شبير احمد شاهه، آسيه اندرابي، ڊاڪٽر قاسم فڪتو، ايڊووڪيٽ عبدالقيوم، فهميده صوفي ۽ ٻيا ڪيترائي اڳواڻ ڪيترن ئي سالن کان قيد ۾ آهن. محمد ياسين ملڪ کي هڪ نام نهاد عدالتي ڪارروائي ڪانئي سزا ٻڌائي وئي جڏهن ته خرم پرويز ۽ صحافي عرفان معراج پارٽي قابض عملدارن جي انتقامي ڪارروائين جي ڪري اڃا تائين جيل ۾ آهن. طاهر حسين اندرابي چيو ته 5 آگسٽ 2019ع تي ڀارت جا غيرقانوني ۽ هڪطرفا قدم ڀارتي غيرقانوني قبضي کي آباديائي تبديلي جي ذريعي مضبوط بڻائڻ جي ڪليل ڪوشش آهي. هن چيو ته انهن قدمن جو مقصد ڪشميري عوام کي انهن جي پنهنجي وطن ۾ هڪ بي اختيار ۽ محروم برادري ۾ تبديل ڪرڻ آهي. جيڪا عالمي قانون ۽ خودمختياري جي حق جي مڃيل اصولن جي واضح خلاف ورزي آهي. ترجمان چيو ته ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ ڏهاڪن تي ٻڌل ظلم ۽ ڏاڍ ۽ بي شمار قربانين سان ڪشميري عوام پنهنجي جائز خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي جدوجهد ۾ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو آهي. هن چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد ۾ ان جي اڻٽڪ اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو.

بقايا 4 — انجنيئر امير مقام

بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي ته پاڪستان ۽ ڪشمير ٻئي هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت جو سبب ماضيءَ ۾ قائد نواز شريف ۽ ان جي خدمت جو سفر آهي. چوڌري عبدالرزاق ۽ ان جي ٽيم جي شموليت ڪانئي سماهني ۾ مسلم ليگ (ن) وڏي قوت بڻجي وئي آهي. جڏهن ڀارت بزدلاڻو حملو ڪيو ته ڪشمير جو جذبو ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي ڀارت هي جذبو ۽ ولولو ڪٿان آڻيندو. ڪالهه مسلم ليگ (ن) آزاد جمون ڪشمير جي شموليتي تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته مان شهيدن ۽ غازين جي سرزمين تي آيو آهيان. مهمانن کي پنهنجي قائد مياں محمد نواز شريف ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ پوري

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ڪنڊ سيڪٽر جي ڊي ريگوليشن: سڌارو يا نئون بحران؟
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزادہ
'شايد پاڪستان هندستان کي ٽيل وڪٽي' ٽرمپ جو جملو ۽ بدلجندڙ عالمي بساط
صفحو 4

مصنوعي دل: زندگي بچائڻ جو جديد طريقو!
غلام فاروق
صفحو 4

احسان ابڙو
مڪالمو، مفاهمت ۽ مداوو: بلاول جي وقتائتي صلاح!
صفحو 4

ڪميوٽيشن واري رقم ڏيو: ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو رٽائر ڊرائيور سراپا احتجاج

محمد امين زئونر 5 سال گذري وڃڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملڻ خلاف ٻئي ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪئي

سال 2021ع ۾ نوڪري تان رٽائر ٿيس، 5 سال جو عرصو گذري وڃڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي: محمد امين زئونر

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 400 کان وڌيڪ رٽائر ملازم ڪميوٽيشن واري رقم لاءِ آفيسن جا ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد ريڊيو پاڪستان جو رٽائرڊ ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ريڊيو پاڪستان ۾ ڊرائيور جي پوسٽ تي 35 سال سروس ڪرڻ کان پوءِ رٽائر ٿيل ملازم محمد امين زئونر 5 سال گذري وڃڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملڻ خلاف ڪالهه ٻئي ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي.ان موقعي تي هن چيو ته ريڊيوپاڪستان ۾ ڊرائيور جي پوسٽ 35سال سروس ڪرڻ کان پوءِ سال 2021 ۾ رٽائر ٿيس. 5 سال جو عرصو گذري وڃڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي جنهن سبب سخت مشڪلات کي منهن ڏئي رهيو آهيان.هن چيو ته گهر شادي لاءِ نوجوان نياڻيون ويٺل آهن. گهر پنهنجو نه هجڻ سبب ڪرائي جي گهر ۾ ڌڪا کائڻ تي مجبور آهيان. هن چيو ته اختيارين کي ڪيترائي دفعا لکڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي.هن چيو ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 400 کان وڌيڪ رٽائر ملازم ڪميوٽيشن واري رقم لاءِ آفيسن جا ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن. هن چيو ته وفاقي حڪومت ريڊيوپاڪستان کي نڌڻڪو ڪري ڇڏيو آهي وفاقي حڪومت ريڊيوپاڪستان طرف ڪا به توجه نٿي ڏي.هن صدر پاڪستان،وزيراعظم پاڪستان ۽ اطلاعات کاتي واري وفاقي وزير کي اپيل ڪئي ته ريڊيو پاڪستان جي رٽائر ملازمن جي مسئلن جو نوٽيس وٺي ڪميوٽيشن واري رقم ڏياري پينشن جي ادائگي وقت سر ممڪن بڻائي وڃي

اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ محرم خان ڪوسو ۾ ايس ٽي آر پاليسي تحت استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف احتجاج

استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف اسڪولي ٻارڙن ۽ ڳوٺاڻن عزير خان ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ 150 کان مٿي ٻار داخل آهن، 2 استاد مقرر هئا، هڪ استاد کي جبري بدلي ڪيو ويو آهي: مظاهرين

هاڻ 150 شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي، جيڪو ايس ٽي آر پاليسي جي خلاف آهي، نوٽيس ورتو وڃي

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ محرم خان ڪوسو ۾ ايس ٽي آر پاليسي تحت استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف اسڪولي ٻارڙن ۽ ڳوٺاڻن عزير خان ڪوسو واحد بخش درس سلمان ڪوسو جي اڳواڻي ۾ تعليم کاتي مٿياري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعري بازي ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ 150 کان مٿي ٻار داخل آهن جنهن کي تعليم ڏيڻ لاءِ 2 استاد مقرر ٿيل هئا جنهن مان هڪ استاد کي جبري بدلي ڪيو ويو آهي ۽ هاڻ صرف 150 شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل جنهن جيڪو ايس ٽي آر پاليسي جي خلاف آهي ۽ هڪ طرف سنڌ حڪومت مٽياري ضلعي ۾ ڪيترائي نوان استاد ڀرتي ڪيا آهن جنهن کان رشوت وٺي من پسند اسڪولن ۾ انهن کي مقرر ڪيو ويو آهي جيڪا سنڌ حڪومت جي نااهلي آهي انهن وزير تعليم مٽياري ضلعي جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان جلد ڳوٺ محرم ڪوسو ۾ وڌيڪ استاد مقرر ڪري اسڪول ۾ داخل 150 کان مٿي ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

اڏيرو لال ڳوٺ محرم ڪوسو جي اسڪول مان استاد جي بدلي خلاف شاگرد ريلي ڪڍي رهيا آهن

ڊي سي ڄامشورو ڀولهاڙي ۾ بنيادي صحت مرڪز بي ايڇ يو آئي خدا جي بستي جو اوچتو دورو

غضنفر علي قادري بنيادي صحت مرڪزن جو اوچتو دورو ڪري عوام کي مهيا ڪيل صحت جي سهولتن جو جائزو ورتو

ميونسپل ڪميٽي ڀولهاڙي جي آفيس جو پڻ اوچتو دورو، غير حاضر عملي تي سخت ناراضگي جو اظهار سخت هدايتون جاري

مريضن کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به قسم جي غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي: ڊي سي ڄامشورو

ڪوٽڙي (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ميونسپل ڪميٽي ڀولهاڙي ۽ بنيادي صحت مرڪز بي ايڇ يو آئي خدا جي بستي جو اوچتو دورو ڪيو ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ڪوٽڙي جي علائقي خدا جي بستي ۾ بي ايڇ يو آئي پاران قائم بنيادي صحت مرڪز جو اوچتو دورو ڪري عوام کي مهيا ڪيل صحت جون سهولتن جو جائزو ورتو دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر صحت مرڪز ۾ ايندڙ مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ کين ملندڙ علاج ۽ سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي، ڊپٽي ڪمشنر صحت مرڪز ۾ عملي جي حاضري، دوائن جي دستيابي ۽ مجموعي انتظامن جو پڻ جائزو ورتو. هن لاڳاپيل عملي کي سختي سان هدايتون جاري ڪيون ته مريضن کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به قسم جي غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي، ان کانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو ميونسپل ڪميٽي ڀولهاڙي جي آفيس جو پڻ اوچتو دورو ڪيو جتي هن عملي جي حاضري چيڪ ڪئي. غير حاضر عملي تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي ڊپٽي ڪمشنر واضع ڪيو ته سرڪاري ڊيوٽي ۾ ڪوتاهي قبول نه ڪئي ويندي، ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل ڪميٽي ڀولهاڙي جي سرٽيفڪيٽ برانچ جو پڻ جائزو ورتو جتي پيدائشي سرٽيفڪيٽ سميت ٻين سرڪاري سرٽيفڪيٽن جي بروقت فراهمي بابت هدايتون جاري ڪيون ويون. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل عملي کي سختي سان هدايت ڪئي ته ميونسپل ڀولهاڙي جي مختلف علائقن ۾ صفائي سترائي کي هر حال ۾ يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته عوام کي بنيادي سهولتن فراهم ڪرڻ ضلعي انتظاميا جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي غفلت يا سست رفتاري برداشت نه ڪئي ويندي ٻئي طرف ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ڪوٽڙي گورنمينٽ علي بابا بوائز ڊگري ڪاليج جو به دورو ڪيو جتي هن ڪاليج ۾ جاري ترقياتي ڪمن، تعليمي سهولتن عمارت جي بنيادي اسٽيڪچر جو پڻ جائزو ورتو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر پاران ڪمپيوٽر ليب، ڪلاس روم تدريسي ماحول ۽ شاگردن کي مهيا ڪيل سهولتن جو معائنو ڪندي هن چيو ته تعليمي ادارن ۾ معياري سهولتن جي فراهمي سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي، ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون ڏيندي چيو ته ڪاليج ۾ جاري ترقياتي ڪم مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن، جيئن شاگردن کي جديد ۽ بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪري سگهجي، هن ٺيڪيدار کي پڻ سختي سان هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪمن جي رفتار تيز ڪئي وڃي ۽ معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڪاليج جي پرنسپال نزاڪت علي بابلاڻي ڊپٽي ڪمشنر کي آگاهه ڪيو ته ڪاليج ۾ پرڻ واري پاڻي جي نيڪال جو پراڻو مسئلو آهي ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي جي واٽر ڪولر جي پڻ سخت ضرورت آهي جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر فوري طور ڪاليج لاءِ واٽر ڪولر جي منظوري ڏني ۽ لاڳاپيل کاتن کي هدايتون جاري ڪيون ته باقي رهيل ڪم جلد از جلد مڪمل ڪيا وڃن، جيئن تعليمي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي.

اڏيرو لال ڳوٺ محرم ڪوسو جي اسڪول مان استاد جي بدلي خلاف شاگرد ريلي ڪڍي رهيا آهن

گڏاپ ٽائون چيئرمين پاران زير تعمير روڊ جو دورو

طارق عزيز بلوچ روڊ جي ڪارپيٽنگ جي ڪم جو تفصيلي معائنو ڪيو

چيئرمين گڏاپ ٽائون ترقياتي ڪم جي معيار، رفتار ۽ شفافيت جو جائزو ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان هلندڙ CLICKپروگرام تحت ٺٽي ٽائون، گولا ٽائون ۽ غريب آباد کان چار چوڪ گڏاپ ٽائون تائين زير تعمير روڊ جي ڪارپيٽنگ جي ڪم جو تفصيلي معائنو ڪيو. معائني دوران چيئرمين گڏاپ ٽائون ترقياتي ڪم جي معيار، رفتار ۽ شفافيت جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ته منصوبي کي مقرر مدي اندر ۽ اعليٰ معيار موجب مڪمل ڪيو وڃي، جيئن عوام کي بهتر محفوظ ۽ پائيدار سفري سهولتون مهيا ٿي سگهن. ان موقعي تي ڳالهائيندي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن ۽ پارٽي ويزن موجب گڏاپ ٽائون ۾ بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪم جاري آهن. هن چيو ته اسان جي اولين ترجيح عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري آهي. ترقياتي منصوبن ۾ شفافيت ۽ معيار تي ڪا به سمجهوتي نه ڪئي ويندي ۽ سڀ عوامي فلاح جا منصوبا وقت سر مڪمل ڪيا ويندا. وائيس چيئرمين جام محمد جوکيو پنهنجي پيغام ۾ چيو ته گڏاپ ٽائون جي عوام کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي ۽ CLICK پروگرام تحت جاري ترقياتي منصوبا گڏاپ ٽائون جي عوام جي زندگي جي معيار ۽ سفري سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته سڀني منصوبن جي سخت نگراني ڪئي پئي وڃي ته جيئن شفافيت ۽ معيار کي يقيني بڻائي سگهجي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ، چيئرمين يو سي صالح محمد انور بلوچ، يو سي ڪائونسلر نويد هيڊ، عرفان زمان، مير حسال بلوچ، سب انجنيئر ارشد بلوچ سميت لاڳاپيل کاتن جا آفيسر اهلڪار ۽ علائقي جا ذميواران پڻ موجود هئا.

ڪراچي ٽي ايم سي گڏاپ چيئرمين طارق عزيز بلوچ روڊ جي تعميراتي ڪم جو جائزو وٺندي

سڪرنڊ جي ڳوٺ پنهل چانڊيو جي رهواسين جو حيدرآباد ۾ احتجاج

عورتن پوليس پاران گهر تي چڙهائي ۽ ڦرلٽ خلاف ڪالهه احتجاج ڪيو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)سڪرنڊ جي ڳوٺ پنهل چانڊيو جي رهواسي عورتن پوليس پاران گهر تي چڙهائي ۽ ڦرلٽ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي بيواهه هير زال اصغر ڪوسو ڌانهيندي الزام هنيو ته مهينو اڳ ايس ايڇ او شبير چانڊيو پوليس اٿالن ... هڪ لک رپين جي ماليت جون2ٻلوڙ ٻڪريون ڪاهي ويو. جڏهن ته گهر مان ڦر ڪيل سامان، ٻڪرين جي واپسي لاءِ پوليس روز آسرا ڏئي هاڻ رشوت گهري رهي آهي جيڪا مان نٿي ڏئي سگهان. هن چيو ته مان هڪ بيواهه ۽ غريب آهيا ٻڪريون پالي گهر جوگذرسفرڪندي آهيا

سون جي قيمت ۾ 600 روپيا في تولو گهٽتائي رڪارڊ، في تولو سون 4 لک 66 هزار 162 رپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جو اگهه 600 روپين جي گهٽتائي سان 4 لک 66 هزار 162 روپيا في تولو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيشن مطابق خميس تي سون جي قيمت 600 روپين جي گهٽتائي کانپوءِ 4 لک 66 هزار 162 رپيا في تولو ٿي وئي آهي، جڏهن ته 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 515 روپين جي گهٽتائي کانپوءِ 4 لک 173 روپين کان گهٽجي 3 لک 99 هزار 658روپيا ٿي وئي 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 67 هزار 838 روپين کان گهٽجي 366.366 روپيا ٿي وئي

نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه

ڪراچي (اي پي پي) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريت رهيا. آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 283.25 رپيا ۽ خريد جو اگهه 277.15 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 381.32 رپيا ۽ خريد جو 373.06 رپيا، يورو جي وڪري جو اگهه 330.82 رپيا ۽ خريد جو اگهه 323.67 رپيا، جاپاني ين جو اگهه 1.8077 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7687 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 77.14 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.45 رپيا، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 75.53 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.90 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو

هانگ ڪانگ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ گهٽتائي رڪارڊ

هانگ ڪانگ (اي پي پي) هانگ ڪانگ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن گهٽتائي رڪارڊ ٿي هينگ سينگ انڊيڪس 1.5 سيڪڙو جي گهٽتائي سان 26,069.12پوائنٽس تي پهچي ويو

سڄاول عوامي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ ڪٺل آجياڻي جو ڏيک

سڄاول ۾ عوامي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ شاندار آجياڻو

غريب مسڪين بي سهارا عوام جي خدمت ڪرڻ پ پ جو منشور آهي: عبداللطيف ميمڻ

ڪوشش ڪريان پيو ته اسان جي ضلعي جي ماڻهن جي جيڪا به خدمت ٿي سگهي اها ڪريان

سڄاول(ذ ر) سڄاول ويجهو برانچ موري لڳ ڳوٺ وڏيرو محمد حسن ڪناد ۾ وڏيرو الهڏنو ڪناد پاران پ پ جي سرگرم ۽ عوامي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ شاندار آجياڻو ڏنو ويو. آجياڻي ۾ ڪناد برادري سميت ٻين مختلف برادرين جي ماڻهن شرڪت ڪئي آجياڻي کي پ پ پ اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته پ پ پ جو منشور آهي غريب مسڪين بي سهارا عوام جي خدمت ڪرڻ، آئون ڪوشش ڪريان پيو ته اسان جي ضلعي جي ماڻهن جي جيڪا به خدمت ٿي سگهي اها ڪريان هن چيو ته ماضي جو اهو وقت به هو سرڪاري پٽيوالو به ڪنهن وڏيري جي پرچي کان سواءِ ڪم نه ڪندو هو پر اڄ غريب مسڪين ماڻهن جا بنا سفارش تي ميريٽ جي بنياد تي ڪم ٿي رهيا آهن اهو وقت پري نه آهي جلد اسان جو محبوب اڳواڻ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو وزيراعظم ٿي پاڪستان کي خوشحال ملڪ بڻائيندو آجياڻي ۾ رئيس عبدالله خان لغاري عارف ابڙو سيد شفقت حسين شاهه مٽياري وڏيرو سليمان ٻارڻ رئيس علي محمد لغاري رئيس علي نواز پرڳڙي حنيف ولڙو حاجي عبدالستار شيخ رئيس حاجي مظفر علي لغاري عمران علي کٽي گلاب کوڙ نورمحمد شاهه اڪبر زنڪيجو عبدالغني راهمون جام دوست علي سهتو اياز ميمڻ اعجاز عمراڻي وڏيرو اشرف ٻارڻ وڏيرو قادر چارڻ ماهي خان آمڙو حاجي عمر ٻارڻ جام نظام الدين ٻارڻ رحمت الله ڪوريجو جنيد ميمڻ اسد ميمڻ سائين عارب ميمڻ سرمد ميمڻ شبير عرسائي سميت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مٽياري لڳ ٻاٺوديرو جي رهواسي پاران احتجاجي ڪيمپ قائم

ٻاٺوديرو ۾ واقع زرعي زمين تي معشوق ابڙو ۽ ٻين قبضو ڪيو آهي: امداد ابڙو

معاملي بابت ڪيترائي ڀيرا ڊي سي مٽياري ۽ ايس ايس پي مٽياري سان ملاقاتون ڪيون آهن

مٽياري (ذ ر) مٽياري لڳ ٻاٺوديرو جي رهواسي امداد ابڙو پنهنجي ٻارن سان گڏ سٽي پريس ڪلب مٽياري اڳيان احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري ڇڏي، احتجاج دوران هن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته ٻاٺوديرو ۾ واقع سنڌس زرعي زمين تي معشوق ابڙو، فيرو ابڙو، اعجاز ابڙو ۽ احسان ابڙو هٿيارن جي زور تي ناجائز قبضو ڪري ويٺا آهن امداد ابڙو جو چوڻ هو ته هن معاملي بابت ڪيترائي ڀيرا ڊي سي مٽياري ۽ ايس ايس پي مٽياري سان ملاقاتون ڪيون آهن پر اڃان تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي، جنهن سبب هو ۽ سندس ڪٽنب سخت پريشاني جو شڪار آهن. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته سندن زرعي زمين تان فوري طور ناجائز قبضو ختم ڪرائي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

سڪيون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي

پوليس جي نااهلي سبب چورين ۽ ڦرون روز جو معمول بڻيل

مرحوم محرم علي حطار جي گهر مان پلوڙ نسل جو وهڙو چوري

سڪيون(ن ع) سڪيون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي چورين ۽ ڦرون روز جو معمول بڻيل پوليس جي نااهلي سبب ڌوڙي سرگرمين ۾ تيزي اچي وئي سڪيون پرسان ميرڪ شهر جي رهواسي مرحوم محرم علي حطار جي گهر جا نامعلوم چور تالا ٽوڙي پلوڙ نسل جو وهڙو چوري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا سڪيون پوليس حد ۾ گشت ڪرڻ بدران حد چورن حوالي ڪري پاڻ سياري جي گرم بستري تي ننڊ جهوٽي نشي سڪيون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي عوام چورن ڦورن جي رحم ڪرم تي هلڻ لڳي چورين ڦورن روز جو معمول بڻجي ويون ڳوٺاڻا راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن

سڪيون ميهن چوري ٿيڻ بعد ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

رزق حلال کي عين عبادت چيو ويو آهي: غلام علي شاهه

جن به روزيءَ کي عبادت سمجهي ڪيو آهي انهن برڪتون حاصل ڪيون

اڄڪلهه جي مهانگائي واري دور ۾ آسان قسطن تي پلاٽ حاصل ڪرڻ غنيمت آهي

سڪرنڊ (ن ع) اڳوڻي تعلقي ناظم سيد غلام علي شاهه چيو آهي ته رزق حلال کي عين عبادت چيو ويو آهي ۽ جن به ... قاضي جاويد سنائي، اشتياق آرائين، قربان عمراڻي، حاجي خان جلباڻي، احسن رضا پٽي، اقبال جلباڻي ۽ ٻيا ...

سڪرنڊ: اڳوڻي تعلقي ناظم سيد غلام علي شاهه رسول بخش هائوسنگ اسڪيم جي افتتاح بعد دعا گهرندي

ڪپرو ۾ پ پ جونيئر ذوالفقار علي ورڪنگ ڪميٽي جو احتجاج

مٽياري پوليس گليشر ڪاڪا تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي: مظاهرين

ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڪپرو(ن ع) پ پ جونيئر ذوالفقار علي ورڪنگ ڪميٽي جي اڳواڻ محمد صديق سيچو جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي شهيد چوڪ ڪپرو تي احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته مٽياري پوليس اسان جي پارٽي جي اڳواڻ گليشر ڪاڪا تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ مطالبو ٿا ڪريون گلشير ڪاڪا تي ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڪپرو پ پ جونيئر ذوالفقار علي ورڪنگ ڪميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو ڊسٽرڪٽ جيل ۾ قيدي علي بخش ملاح جي موت وارو معاملو

قتل جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ سيشن ڪورٽ ٽنڊي ۾ 22 اي جي درخواست داخل

غلام الله (ن ع) ڪجهه ڏينهن اڳ ڊسٽرڪٽ جيل ٽنڊي ۾ فوت ٿي ويل سڄاول واسي قيدي علي بخش ملاح جي موت واري معاملي تي جاويد ميربحر پاران پنهنجي وڪيل قربان هالو جي معرفت جيل انتظاميه خلاف قيدي جي قتل جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ سيشن ڪورٽ ٽنڊي ۾ 22 اي جي درخواست داخل ڪرائي هئي جنهن درخواست جي ٻڌڻي تي سيشن ڪورٽ ٽنڊي ۾ ايس ايڇ او مڪلي الهوسايو نهڙيو پيش ٿي عدالت کي ٻڌايو ته قيدي علي بخش ملاح خودڪشي ... هي قتل جو معاملو آهي، پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري نه ٿيڻ تائين پوليس پاران معاملي کي خودڪشي قرار ڏيڻ ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏئي ٿي، سيشن جج ٽنڊي جي عدالت ايندڙ ٻڌڻي 15 جنوري تي مقرر ڪندي ڊسٽرڪٽ جيل ٽنڊي جي سپرنٽينڊنٽ حماد چانڊيو ۽ مقتول قيدي علي بخش ملاح جو پوسٽ مارٽم ڪندڙ سول اسپتال مڪلي جي ميڊيڪل آفيسر کي روبرو طلب ڪري ورتو آهي، ٻئي طرف وڪيل قربان هالو چيو ته ڪيس عدالت مان انصاف جي اميد آهي، پوسٽ مارٽم ...

ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ اسڪارپ کاتي جي نااهلي، 99 سيڪڙو ٽيوب ويل سالن کان ناڪاره

يوسي ۾ ڪيترن ئي ٽيوب ويلن جو نالو ۽ نشان ختم ٿي ويو، بجلي ٽرانسفارمر ۽ پائپ چوري ٿي ويا

ٽيوب ويلن جا بور پاڙان چور پٽي کڻي ويا، عمارتن جون ڇتيون پٽي لوهه چور کڻي ويا، پاڻي ڪيڻ وارا موٽر به چوري

آبادگارن جون زمينون بنجر ٿي وڃڻ ڪري اهي هن وقت ٻٽي عذاب سبب سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن: رهواسي

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) اسڪارپ کاتي نوشهروفيروز جي ميگا ڪرپشن ۽ لاپرواهي سبب يوسي ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ 99 سيڪڙو ٽيوب ويل سالن کان ناڪاره بڻيل، ڪيترن ئي ٽيوب ويلن جو نالو ۽ نشان ختم ٿي ويو، بجلي ٽرانسفارمر ۽ پائپ چوري ٿي ويا، ٽيوب ويلن جا بور پاڙان چور پٽي کڻي ويا، عمارتن جون ڇتيون پٽي لوهه چور کڻي ويا، پاڻي ڪيڻ وارا موٽر به چور کڻي ويا، ٽيوب ويلن جو نه هجڻ سبب ڪري سوين ايڪڙ زمين سم جي پاڻي ۽ سيڪ سبب غير آباد ٿي ويون آهن. سوين ملازم پي ڊي اسڪارپ کي ماهوار لکين رپيا رشوت ڏئي گهر ويٺي پگهارون کڻن پيا ٿا. جڏهن ته آبادگارن جو گذر سفر کيتي تي آهي انهن جون زمينون بنجر ٿي وڃڻ ڪري اهي هن وقت ٻٽي عذاب سبب سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن. جڏهن ته ٽيوب ويلن کي چالو حالت ۾ ڪاغذن ۾ ڏيکاريو پيو وڃي. هر ماهه ڪروڙين رپين جا بجلي بل ۽ ٽيوب ويلن جي مرمت جا جعلي بل ڏاهي هڙپ ڪرڻ معمول بڻيل آهي. ڪوم مائي جو لال اسڪارپ کاتي نوشهروفيروز کان پڇڻ وارو نه آهي. هتان جي متاثر ٿيل آبادگارن ۽ زميندارن پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعلي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته يوسي ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ بند پيل ٽيوب ويل ٻيهر چالو ڪرائي وڌيڪ زمينون بنجر ٿيڻ کان بچايون وڃن

ڪوٽڙي محمد ڪبير اسڪارپ کاتي جي نااهلي سبب خراب پيل ٽرانسفارمر ۽ عمارت مان سامان چوري ٿيل نظر اچي رهيو آهي

عثمان شاهه هڙي لڳ عمر ساند ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

رڪشا ڊرائيورن پاران عمر ساند ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ويو، نعريبازي

پوليس اهلڪارن ڪيس بنا جواز روڪي تلاشي دوران زبردستي رقم کڏي ورتي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون: ڊرائيور

قيصر سهيڙو اسٽاپ تي روزاني بنيادن تي چيڪنگ جي نالي ۾ رڪشا ڊرائيورن کان مبينا طور رشوت ورتي وڃي ٿي، انصاف ڪيو وڃي

عثمان شاهه هڙي عمرساند پوليس اهلڪارن جي زيادتين خلاف چنگچي رڪشا ڊرائيور احتجاج ڪندي

عثمان شاهه هڙي(ت ر) عثمان شاهه هڙي لڳ عمر ساند ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف رڪشا ڊرائيورن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو آهي. احتجاج ڳوٺ طاهر هنگورو جو رهواسي رڪشا ڊرائيور صدام هنگورو ، جنهن الزام هنيو آهي ته پوليس اهلڪارن ڪيس بنا جواز روڪي تلاشي دوران زبردستي رقم کڏي ورتي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون احتجاج ڪندڙن ۾ صدام هنگورو اصغر علي هنگورو وقار هنگورو جگو ڪولهي جاويد ماڇي سڪندر هنگورو ۽ ٻيا شامل هئا. مظاهرين جو چوڻ هو ته عمر ساند ٿاڻي جي پوليس پاران قيصر سهيڙو اسٽاپ تي روزاني بنيادن تي چيڪنگ جي نالي ۾ رڪشا ڊرائيورن کان مبينا طور رشوت ورتي وڃي ٿي ۽ جيڪي ڊرائيور رقم ڏيڻ کان انڪار ڪن ٿا تن کي تشدد ۽ ڌمڪين جو نشانو بڻايو وڃي ٿو. احتجاج ڪندڙن موجب، گذريل رات جڏهن رڪشا ڊرائيور صدام هنگورو ٽنڊو آدم مان گهر جو سامان کڻي پنهنجي ڳوٺ طرف وڃي رهيو هو ته عمر ساند ٿاڻي جي پوليس موبائل کيس روڪي، سرعام غليظ گاريون ڏنيون. هنن جو الزام آهي ته تلاشي جي آڙ ۾ پوليس اهلڪارن صدام هنگورو جي کيسي مان رقم کڏي ورتي ۽ کيس موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون، جنهن سبب رڪشا ڊرائيور شديد خوف ۽ ذهني پريشاني جو شڪار ٿي ويو. مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو ته اهڙا واقعا رڳو هڪ ڊرائيور سان نه پر ڪيترن ئي غريب محنت ڪش رڪشا ڊرائيورن سان روز جو معمول بڻيل آهن جنهن سبب انهن جو روزگار ۽ عزت ٻئي خطري ۾ اچي ويا آهن احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي ٽنڊو الهيار کان فوري طور معاملي جو نوٽيس وٺڻ مبينا طور ملوث پوليس اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ ۽ متاثر رڪشا ڊرائيور صدام هنگورو کي انصاف فراهم ڪرڻ جو پرزور مطالبو ڪيو آهي. مظاهرين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن کين انصاف نه مليو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

پينشن جاري ڪريو: قاسم آباد تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائر ملازمن جو احتجاج

رٽائر ملازمن ايڇ ايم سي پاران 2 مهينن کان پينشن روڪڻ خلاف رحيم بخش سولنگي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سال 2023 کان ايڇ ايم سي تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائر ملازمن جو رڪارڊ پاڻ وٽ گهرائي پينشن جي ادائيگي شروع ڪئي: مظاهرين

گذريل 2 مهينن کان بغير ڪو سبب ٻڌائڻ جي پينشن روڪي وئي آهي جنهن سبب 300 کان وڌيڪ رٽائر ملازم سخت پريشان ٿي ويا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قاسم آباد تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائر ملازمن ايڇ ايم سي پاران 2 مهينن کان پينشن روڪڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون رحيم بخش سولنگي، محمد اسلم ۽ عبدالمجيد جي اڳواڻي ۾ ڪالهه ٻئي ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته سال 2023 کان ايڇ ايم سي تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائر ملازمن جو رڪارڊ پاڻ وٽ گهرائي پينشن جي ادائيگي شروع ڪئي 2 مهينا اڳ تائين پينشن ملڻ جو سلسلو جاري هو پر گذريل 2 مهينن کان بغير سبب ٻڌائي پينشن روڪي ڇڏي آهي جنهن سبب ميونسپل ڪميٽي قاسم جا 300کان وڌيڪ رٽائر ملازم سخت پريشان ٿي ويا آهن. هنن چيو ته ايڇ ايم سي انتظاميا جڪهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهي بنا سبب پينشن روڪڻ سبب اسان جا گهرياتي فاقاڪشي جو شڪار ٿي ويا آهن. هنن چيو ته اسان سڀ 60سال يا ان کان وڌيڪ عمر جا پيرسن آهيون اسان جو علاج ٽوڙي گهرياتين جو گذرسفر انهي پينشن تي آهي هنن ميئر حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته مهينن جي پينشن فوري ادا ڪري وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي

تيل دار ۽ ڦرين وارين جنسن جي قومي روانگي واپار ۾ گذريل سال نومبر دوران 58.64 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي)تيل دار ۽ ڦرين وارين جنسن جي قومي روانگي واپار ۾ گذريل سال نومبر 2025ع دوران 58.64 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي انگن اکرن واري سرڪاري اداري موجب ان عرصي دوران روانگي واپار جي ماليت 22 ملين ڊالرز تائين گهٽجي وئي جڏهن ته نومبر 2024 ع ۾ تيل دار ۽ ڦرين وارين جنسن جي روانگي واپار جو ڳاڻيٽو 53.2 ملين ڊالرز رهيو آهڙي ريت نومبر 2024ع جي ڀيٽ ۾ نومبر 2025ع دوران تيل دار ۽ ڦرين وارين جنسن جي ملڪي روانگي واپار ۾ 31.2 ملين ڊالرن يعني 58.64 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي

سام سنگ اليڪٽرانڪس جو ٽه ماهي منافعو 200 کرب وون جي رڪارڊ سطح تي پهچڻ جي اڳڪٿي

سيئول (اي پي پي)ڏکڻ ڪوريا جي ٽيڪنالاجي جي وڏي ڪمپني سام سنگ اليڪٽرانڪس جو ٽه ماهي منافعو 200 کرب وون جي رڪارڊ سطح تي پهچڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب سام سنگ اليڪٽرانڪس پنهنجي بيان ۾ چيو ته اميد آهي ته چوٿين ٽه ماهي ۾ ان جو آپريٽنگ منافعو رڪارڊ 200 کرب وون (13.8 ارب آمريڪي ڊالرن) تائين پهچي ويندو سام سنگ اليڪٽرانڪس دنيا جي پهرين ميموري چپ تيار ڪندڙن ۾ شامل آهي جيڪا مصنوعي ذهانت (اي آءِ) ۽ ان سان جڙيل انفراسٽرڪچر لاءِ نهايت اهم شيون فراهم ڪري ٿي سام سنگ پاران اها مضبوط اڳڪٿي ڊيٽا سينٽرز ۽ اي آءِ صنعت کي سهارو ڏيندڙ ٻين انفراسٽرڪچرز ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ پرفارمنس ميموري چپس جي وڌندڙ عالمي طلب سبب سامهون آئي آهي ڪمپني موجب اميد آهي ته آپريٽنگ منافعو 198 کرب مان 201 کرب وون وچ ۾ رهندو جيڪو 2018ع جي ڪين ٽي ماهي ۾ قائم ٿيندڙ 176 کرب وون جي اڳوڻي رڪارڊ کان وڌيڪ هوندو جيڪڏهن هن مهيني جي آخر ۾ جاري ٿيندڙ آمدني رپورٽ ۾ انگن اکرن جي تصديق ٿي ويندي ته اهو منافعو ساليانه بنياد تي 200 سيڪڙو اضافي کي ظاهر ڪندو سام سنگ موجب وڪرو 920 کرب مان 940 کرب وون وچ ۾ رهڻ جو امڪان آهي جيڪو 2025 ع جي ڪين ٽه ماهي ۾ قائم ٿيندڙ 860 کرب وون جي رڪارڊ کي به ٽوڙي ڇڏيندي سرڪاري انگن اکرن موجب اي آءِ سبب سيمي ڪنڊڪٽرز جي عالمي طلب ۾ اضافو سال 2025 ع ۾ ڏکڻ ڪوريا جي روانگي واپار کي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچائي ڇڏيو ڏکڻ ڪوريا ۾ ايس ڪي هائنڪس به موجود آهي جيڪا عالمي سيمي ڪنڊڪٽرز مارڪيٽ ۾ هڪ ٻي وڏي ڪمپني آهي . سيمي ڪنڊڪٽرز جي مضبوط وڪري سبب سام سنگ اليڪٽرانڪس جا شيئرز گذريل 6 مهينن دوران 120 سيڪڙو کان به وڌي چڪا آهن جڏهن ته اهو ئي رجحان ٻين ڏکڻ ڪوريائي چپ ساز ڪمپنين ۾ به ڏٺو پيو وڃي . ڊائشن سيڪيورٽيز جي تجزيه ڪار چانگ هي چانگ جو چوڻ آهي ته اي آءِ صنعتي ...

نئون ڊمبالو ۾ ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن خلاف مظاهرو

وائيس چيئرمين مولچند ڪولهي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

وڏيري سرفراز نظاماڻي پاران بيگناهه ڪيلاش ڪولهي کي قتل ڪيو آهي: مظاهرين

نئون ڊمبالو(ن ع) نئون ڊمبالو ۾ ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو وائيس چيئرمين نئون ڊمبالو مولچند ڪولهي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو اڳواڻن پريم ڪولهي مولچند ڪولهي ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته تلهار ۾ ظلم وڏيري سرفراز نظاماڻي پاران بيگناهه ڪيلاش ڪولهي کي قتل ڪيو آهي جنهن سان انصاف نه پيو ٿئي ڪيترائي ڏينهن گذري وڃڻ باوجود سنڌس قاتل گرفتار ناهي ٿي سگهيو پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي اڄ پير چوڪ بدين تي لڳل ڌرڻي ۾ پڻ شرڪت ڪئي ويندي ۽ ناحق قتل ٿيل ڪيلاش جي خون کي انصاف وٺي ڏينداسين وزير اعلي سنڌ ۽ آئي جي سنڌ کان انصاف جو مطالبو ڪجي ٿو

نئون ڊمبالو ۾ ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن خلاف مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٽالٽوبولاخان ۾ هڪ روزه مفت ميگا وٽنري ميڊيڪل ڪئمپ

چوپايو مال کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسينيشن ڪئي وئي

خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ لاءِ 8795 کان وڌيڪ جانورن کي ٽڪا لڳايا ويا

ٽالٽوبولاخان (ن ع)ڪوهستان جي ڳوٺ علي مراد ٻاريجو ۾ وٽرنري سينٽر علي مراد ٻاريجو ۾ جانورن جي هڪ روزه مفت ميگا وٽنري ميڊيڪل ڪئمپ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پاسي وارن ڪيترن ئي ڳوٺن جي مالوند ماڻهن وڏي پئماني تي فائدو حاصل ڪيوجن ۾ ڪئمپ دوران ڳوٺ ننگر ٻاريجو آدم شودي عمر لالاڻي اسحاق لالاڻي قادر بخش لالاڻي يوسف لالاڻي داد ڪاتڙو ڪاتڙو علي بخش لالاڻي گهرام ٻاريجو حسن برفت، سگهو ٻاريجو مزار خاصخيلي، وريام ٻاريجو ملوڪ ڇاقلاڻي خدابخش ڇاقلاڻي پالڻ ٽياڳ وسڙو ٻاريجو سميت ڀرپاسي جي ٻين ڳوٺن مان آيل چوپايو مال کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسينيشن ۽ علاج جون سهولتون فراهم ڪيون ويون.ڪئمپ ۾ رناوان دست ۽ ڪاري ٽنگ جهڙين خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ لاءِ 8795 کان وڌيڪ جانورن کي ٽڪا لڳايا ويا، جڏهن ته 1850 کان وڌيڪ جانورن کي پيٽ جي جوئن لاءِ دوا پيارڻ سان گڏ چمڙي جون انجيڪشنون پڻ لڳايون ويون ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالعزيز رستماڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊولپمينٽ ڪوهستان ٽالٽو بولا خان ڳالهائيندي چيو ته مالوند ماڻهن جي سهولت لاءِ اهڙي قسم جون مفت وٽنري ميڊيڪل ڪئمپون ڪوهستان جي مختلف علائقن ۽ ڳوٺن ۾ لڳايون وينديون جيئن مالوند ماڻهن جي جانورن جو علاج ۽ ويڪسينيشن سندن گهرن پرسان ممڪن بڻائي سگهجي.جڏهن ته هيءَ ميگا ميڊيڪل ڪئمپ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ محمد علي ملڪاڻي جي ذاتي دلچسپي سان لڳايون پيون وڃن ڪئمپ ۾ سماجي ورڪرن ذوالفقار ٻاريجو غلام مرتضي ٻاريجو ريناز ٻاريجو ۽ زاهد ٻاريجو سان گڏ وٽنري ٽيم جي ميمبرن ۾ ڊاڪٽر بشارت علي لنجواڻي سينئر اسٽاڪ اسسٽنٽ عاشق علي سولنگي سينئر لائيو اسٽاڪ انسپيڪٽر ديدار رانجهاڻي لائيو اسٽاڪ انسپيڪٽر سجاد شاهه شامل هئا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 09 جنوري 2026ع

ڪنڊ سيڪٽر جي ڊي ريگوليشن: سڌارو يا نئون بحران؟

حڪومت پاران آءِ ايم ايف جي شرط تحت ڪنڊ سيڪٽر مان نڪرڻ ۽ ان کي مڪمل طور ڊي ريگوليٽ ڪرڻ جو فيصلو ملڪ جي زرعي ۽ صنعتي پاليسين ۾ هڪ اهم موڙ قرار ڏئي سگهجي ٿو. دستاويزن موجب سرڪار ڪنڊ واري شعبي تان پنهنجو ڪنٽرول ختم ڪندي مارڪيٽ کي آزاد ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي، جنهن سان هارين، شوگر مل مالڪن ۽ صارفين لاءِ نوان امڪان توڙي خدشا جنم وٺي رهيا آهن. سوال اهو آهي ته ڇا هي فيصلو واقعي معيشت لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو يا اڳ وانگر طاقتور ڌريون مارڪيٽ تي قابض ٿي وينديون؟ ڊي ريگوليشن واري منصوبي تحت هارين کي ڪمند جي پوک بابت مڪمل آزادي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. هاڻي نه ڪو زون هوندو ۽ نه ئي مخصوص قسمن جي پابندي. نظرياتي طور هي قدم هارين لاءِ خوش آئند آهي ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي زمين، پاڻي ۽ موسمي حالتن مطابق فصل چونڊي سگهندا. ان سان زرعي پيداوار ۾ تنوع اچي سگهي ٿو پر عملي طور ڏٺو وڃي ته ننڍو هاري اڄ به وڏن زميندارن ۽ شوگر مل مالڪن جي اثر هيٺ آهي جنهن ڪري آزادي باوجود هو فيصلا خودمختياري سان ڪري سگهندو يا نه، اهو سوال برقرار رهندو. حڪومت پاران ڪمند جي سرڪاري مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ قيمت ختم ڪرڻ جو فيصلو سڀ کان وڌيڪ بحث جوڳو آهي. مارڪيٽ کي قيمت جو تعين ڪرڻ جو اختيار ڏيڻ سان اميد ته طلب ۽ رسد جي بنياد تي منصفاڻو اگهه طئي ٿيندو، پر پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي ڪارٽيلائيزيشن ۽ مافيا جو زور آهي، اتي اهو خدشو به موجود آهي ته شوگر مل مالڪ گڏجي قيمتون گهٽ رکي هارين کي نقصان پهچائيندا. ماضي جو تجربو شاهد آهي ته ڪيترائي ڀيرا هارين کي مقرر ڪيل قيمت به وقت سر نه ملي، پوءِ آزاد مارڪيٽ ۾ انهن جي حالت ڇا ٿيندي؟ هارين کي ڪنهن به شوگر مل کي ڪمند وڪڻڻ يا پاڻ ڳڙ ٺاهڻ جي آزادي ڏيڻ هڪ مثبت قدم آهي. هن فيصلي سان وچولي واپاري جو ڪردار گهٽجڻ گهرجي ۽ هاري کي سڌي فائدي جا موقعا ملڻ گهرجن پر ٻئي پاسي ڳڙ ٺاهڻ جهڙا روايتي طريقا جديد مارڪيٽ ۾ ڪيترو مقابلو ڪري سگهندا، ان لاءِ حڪومتي سهڪار، تربيت ۽ مارڪيٽنگ ضروري هوندي، جيڪا في الحال منصوبي ۾ واضح نظر نٿي اچي. ڊي ريگوليشن تحت شوگر ملز کي اٺ مهينا بند رهڻ بدران ٻاهران خام مال درآمد ڪري ريفائن ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ جو فيصلو صنعتي لحاظ کان اهم آهي. ان سان ملز جي پيداواري صلاحيت وڌي سگهي ٿي، روزگار جا موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ برآمدات ۾ به اضافو ممڪن آهي. پر هتي خدشو اهو آهي ته جيڪڏهن درآمد ٿيل خام مال سستو ٿيو ته مقامي ڪمند جي طلب گهٽجي سگهي ٿي، جنهن جو سڌو نقصان هارين کي پهچندو.

حڪومت پاران ڪنڊ جي برآمد تي سبسڊي نه ڏيڻ ۽ درآمد توڙي برآمد تي سڀ پابنديون ختم ڪرڻ جو اعلان به آزاد معيشت ڏانهن هڪ قدم آهي پر پاڪستان ۾ ڪنڊ اڳ ئي هڪ تڪراري جنس رهي آهي. جتي ڪڏهن کوٽ ته ڪڏهن اضافي ذخيرو بحران پيدا ڪندو رهيو آهي جيڪڏهن مارڪيٽ کي مڪمل طور آزاد ڇڏيو ويو ۽ نگراني جو موثر نظام قائم نه ڪيو ويو ته ڪنڊ جي قيمتن ۾ وڌيڪ اٿل پٿل عوام لاءِ نئون مسئلو بڻجي سگهي ٿي. نين شوگر ملن تي پابندي ختم ڪرڻ سان سيڙپڪاري وڌڻ جو امڪان ضرور آهي پر اهو به ضروري آهي ته ماحولياتي اثرن پاڻي جي کوٽ ۽ زرعي زمين جي تحفظ کي نظر ۾ رکيو وڃي. شوگر انڊسٽري اڳ ئي پاڻي گهڻو استعمال ڪندڙ شعبن مان هڪ آهي جنهن جا اثر خاص طور سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ واضح آهن.

بهرحال حڪومت پاران پابندي ڀيل ڪمند جي قسمن جي فهرست پوک کان اڳ جاري ڪرڻ جي تجويز هڪ ذميوار قدم آهي، جيڪو هارين کي نقصان کان بچائي سگهي ٿو پر مجموعي طور ڏٺو وڃي ته ڊي ريگوليشن صرف ڪاغذي پاليسي نه هجڻ گهرجي، بلڪ ان سان گڏ سخت نگراني، شفافيت ۽ هارين جي تحفظ لاءِ قانوني ضمانتون ضروري آهن. ٻي صورت ۾ اهو سڌارو رڳو طاقتور ڌرين لاءِ نوان فائدا ۽ عام هاري ۽ صارف لاءِ نوان بحران کڻي اچي سگهي ٿو.

دراوت ڊيم تي لياقت 87 جي ڊاڪٽرن جي گڏجاڻي!

ڊاڪٽر رضا چانڊيو

(حصو پهريون)

نئين سال 2026ع جو پهريون آچر يعني چار جنوري اسان LMC-87 لاءِ سڀاڳو ثابت ٿيو. ڪروڙين ڦرب، ٿورا ۽ مهربانيون ڏاڏو ٻولاخان سان واسطو رکندڙ اسانجن پيارن دوستن ڪلاس فيلوز محترم ڊاڪٽر مهن، ڊاڪٽر ڏالو مل ۽ ڊاڪٽر دريانو مل جون، جن هيپي نيو ايئر جي سلسلي ۾ پنهنجن ڪلاس فيلوز کي پاڻ وٽ گهرائي نه رڳو خوبصورت ۽ منفرد محفل مچائي پر دوستن جو دل سان اهڙو شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو جو دوستن جون دليون کٽي ورتيون. واپسيءَ تي سڀ واهه واهه ڪندا وريا. لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻ يونيورسٽي) جي 1987ع واري بيچ جي ڪلاس فيلوز جي، هي ٻن سالن جي عرصي ڪانپوءِ جي گڏجاڻي هئي. دوستن سان ملڻ لاءِ دل بيتاب هئي. رٿيل پروگرام تحت صبح جو سوير تيار ٿي، سڀني کان جهڙوڪر منو ڪلاڪ اڳ ۾، حيدرآباد جي قاسم چوڪ تي پهتس وڃي، جتي سواريءَ جو اڳواٽ ڳڏيل بندوبست ٿيل هو. اٽون ٽنبوجام مان نڪري ڏيڍا ٽول وٽ رسيس ته ڊاڪٽر افتخار علي شيخ سان رابطو ڪيم، جنهن ٻڌايو ته اسان بوٽ پايون پيا. ڊاڪٽر عبدالله ٽنيو (ٻارڙن جو اسپيشلسٽ) به مون سان گڏ آهي جيڪو نوشهرو فيروز کان سيڙهجي دعوت اٽينڊ ڪرڻ لاءِ خاص آيو آهي. آهستي آهستي دوست ايندا ويا. اسانجي بس خير سان سوا 9 وڳي قاسم چوڪ کان رواني ٿي. بس ۾ دوست موج مستي ڪندا، ڳائيندا رهيا. اوچتو ڊاڪٽر لطيف شفيع (اسڪن اسپيشلسٽ) اٿي بيٺو ۽ سڀني دوستن کي ڊاڪٽر خورشيد صديقي طرفان آنڌل ڪيڪ ڪارائي وات مٺو ڪرايو. ٿوري دير ڪانپوءِ وري سڀني کي بسڪيٽ به ڏنا ۽ پاڻي پڻ پيياريو. بس هلندي رهي. ڊاڪٽر افتخار علي شيخ، جيڪو منهنجو تمام پيارو ۽ گهرو دوست آهي مون سان گڏ ويٺو هو. ڪيڏي مهل ڪچهري پئي ڪيائين ته ڪيڏي مهل لتا جا پراڻا گانا ويٺي ٻڌائين! ڊاڪٽرياڻيون هن پروگرام ۾ نه هئڻ جي برابر هيون پر جيڪي به هيون پاڻ ۾ ڏاڍيون خوش پئي لڳيون. اٿين بس جڏهن حيدرآباد وارو ٽول ڪراس ڪري ڪجهه پنڌ ڪانپوءِ ٽاٽو ٻولاخان وارو رستو ورتو ته ٿورو اڳيان ڊاڪٽر مهن ۽ ڊاڪٽر ڏالومل جن جي گاڏي ملي، جيڪي اڳ ۾ اسان جي انتظار ۾ بيٺل هئا. مهن اسان کي پنهنجو ڊرائيور ڏنو ۽ ڏالومل اسان سان گڏجي ويٺو. ڊرائيور کي سڌو دراوت ڊيم هلڻ لاءِ چيائون. رستو مڙي جو نه هو، وري هيٺ مٿاهون به هون. دراوت ڊيم حيدرآباد کان تقريبن 70 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي، جڏهن ته ڪراچيءَ کان اٽڪل هڪ سئو 26 ڪلوميٽر پري ٿيندو. بس هلندي رهي. پري پري کان ناهموار پهاڙن جو سلسلو شروع ٿيو. حسين ۽ دلڪش نظارا ڏسڻ وٽان هئا. پهريان ته پري تائين جهڙوڪر ريگستان، خالي ميدان، ميتهن جي ڪري ديوبن پيو لاڻو يا پيو ڪو گاهه بيٺل نظر آيو. جيئن جيئن ڊيم جي ويجهو ٿيندا وياسين ته پري کان ساوڪ نظر آئي. اکيون ٺڏيون ٿيون. اوسي پاسي ۾ گهڻو ڪري فصل بصرن جو ڏسڻ ۾ آيو. ڪٿي ڪٿي ته هارين بصرن جون ٻوريون ڀئي پريون ته ڪٿي وري پٽيل بصر ڪرڻ ٿي رکيل ڏسڻ ۾ آيو. جبلن جون قطارون ويجهون ٿينديون ويون. ڪٽي عورتن کي گاهه ڪندي به ڏٺم. واٽ تي رڍن جو به هڪ وڏو ڌڻ ۽ ٻڪرين جو ڌڻ به ڏسڻ ۾ آيو. ٻريان جبل ۽ ٻه ۾ رڍن جو ڌڻ ڇا ته دلڪش منظر هو...! هڪ ٻه پڪا واٽر به ڏسڻ ۾ آيا. اٿون اڃان قدرت جا حسين نظارا ڏسڻ ۾ مهو هئس ته افتخار مون کي هوشيار ڪيو ته بس بيٺي آهي، لڳي ٿو ته رسي وياسين! بس مان لٿاسين. ايٺن پئي لڳو جڻ ڪو ريسٽ هائوس هجي. وچ تي واپڊا وارن جو بورڊ به لڳل هو. سامهون خوبصورت "مسجد مدينه" به ڏسڻ ۾ آئي. جتي اسان بعد ۾ افتخار علي شيخ ۽ مون ٻنهي ۽ عصر جي نماز پڙهي هئي! پاسي ۾ اندر داخل ٿياسين ته ڪافي تعداد ۾ (مون ڳڻيا ڪون) سنگل بيڊيڊ ڪمرا، اٽيچ باٿ روم وارا جڙيل هئا. جن جا اسان باٿ روم وغيره استعمال ڪيا. اتان جو اسٽاف، جيڪو گهڻو ڪري ايريگيشن جو هو، تمام گهڻو ڪوآپريٽو هو ۽ اسان سان نيازمندي سان پئي پيش آيو. وچ تي هڪ ڪشادو ويل ڊيڪوريٽيڊ هال هو جتي اسان مهمانن کي ويهارڻ جو بندوبست ڪيل هو. ٿوري دير کان پوءِ اسان جا ڪراچي جا دوست به ناصر انجم جي اڳواڻيءَ ۾ اچي نڪتا. ڏاڍو جهڇٽو ٿي ويو. ڀاڪر پائي هڪ ٻئي سان ملياسين به پئي ته هڪ ٻئي جا فوٽو به پئي ڪڍياسين! ٿوري دير ۾ نشتو ڪرڻ لاءِ سڏ ٿيو. هال جي سامهون ئي ڊائننگ هال هو. جيڪو صبح جو ناشتو ڪرڻ لاءِ دوستن لاءِ اهتمام سان سجايل هو. جنهن ۾ دال، ڇڻا، دهي، حلوو، پوريون، ننڍيون سيڪيل روٽيون، منرل واٽر ۽ چانهه وافر مقدار ۾ موجود هئا. ڪاڏو انتهائي لذيذ ۽ گرم هو. سڀني دل کولي ڪاڌو ڏاڍو مزو آيو! چانهه پي ڊيم ڏسڻ لاءِ وري اچي بس ۾ ويٺاسين. جبلن جون قطارون شروع ٿي ويون. ايئن پئي لڳو جڻ جبل کي رستي واري پاسي کان سيمنٽ لڳل هجي. جبلن ۾ ٿوري ٿوري وٿي تي نيسارن نمان پائيپ ڦٽ ٿيل نظر آيا.

دراوت ڊيم بابت ڄاڻ: دراوت ڊيم جي تعمير جو ڪم مارچ 2010ع ۾ شروع ٿيو. ان جي تعمير 2014-2013 ۾ مڪمل ٿي. دراوت ڊيم پروجيڪٽ جو افتتاح 9 مارچ 2013ع ۾ ان وقت جي صدرِ پاڪستان آصف علي زرداري جي هٿان ٿيو جون ٿا ته هي پروجيڪٽ واپڊا ۽ وفاقي حڪومت پاران مڪمل ڪيو ويو آهي. دراوت ڊيم نئين ٻاراڻ سورجاڻي جبل ۽ ڏنبار جبل جي وچ ۾، جهنگڙي ڳوٺ جي ويجهو ٺٽو ۽ ڄامشورو ضلعي جي حد تي ناهيل آهي. هيءُ ڊيم 314 چورس ڪلوميٽر جي ڪيچ مينٽ ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. هي مون سوني جي دوران بنيادي طور کيرٿر جي پهاڙن تان وهي

آمريڪا جي فضائن مان

’شايد پاڪستان هندستان کي تيل وڪڻي‘: ٽرمپ جو جملو ۽ بدلجندڙ عالمي بساط

راجا زاهد اختر خانزادو

جڏهن ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڏينهن اها ڳالهه ڪئي هئي ته دنيا ان کي سنجيدگي سان نه ورتو هو. سوشل ميڊيا تي کلڻ لڳا، تجزئي نگارن ان کي غير ذميوارانه بيان قرار ڏنو ۽ پاڻ پاڪستان ۾ به اهو جملو حيرت ۽ ٻڌر سان ٻڌو ويو. ان وقت تصوير واقعي ڏنڌلي هئي ۽ شايد ڪنهن کي به اندازو نه هو ته اها ڳالهه ذخيرن جي نه پر رستن، طاقت ۽ مستقبل جي ڪردارن ڏانهن اشارو هئي.

ٽرمپ پنهنجي بيان ۾ چيو هو: "اسان هاڻي پاڪستان سان هڪ معاهدو طئي ڪيو آهي، جنهن تحت پاڪستان ۽ آمريڪا گڏجي پاڪستان جي وسيع تيل جي ذخيرن کي ترقي ڏيڻ تي ڪم ڪندا. اسان هن وقت ان تيل جي ڪمپني چونڊڻ جي عمل ۾ آهيون، جيڪا هن شراڪت جي قيادت ڪندي. ڪير ڄاڻي، شايد هڪ ڏينهن پاڪستان هندستان کي تيل وڪڻي رهيو هجي!"

اهي لفظ ان وقت رڳو هڪ سياسي جملو سمجهيا ويا. پر وقت گذرڻ سان گڏ اهو سوال وڌيڪ اهم ٿيندو ويو ته آخر ٽرمپ ڪهڙي ماڊل ڏانهن اشارو ڪري رهيو هو ڇو ته حقيقت اها آهي ته نه پاڪستان وٽ وڏا ثابت ٿيل تيل جا ذخيرا آهن ۽ نه ئي هندستان وٽ. ان جي باوجود هندستان اڄ دنيا جي وڏين معيشتن ۾ شامل آهي. هن تضاد کي سمجهڻ کان سواءِ ٽرمپ جي بيان کي سمجهڻ ممڪن ناهي.

هندستان ڪڏهن به تيل ان لاءِ نه ڪمايو جو ان وٽ زمين هيٺ خزانا هئا، پر ان لاءِ جو هن تيل کي هڪ نظام ۾ بدلائي ڇڏيو. هن خام تيل خريد ڪيو، خاص طور تي روس کان رعايتي اگهن تي، ان کي ريفائن ڪيو، پنهنجي صنعت کي سستو ايندهن ڏنو ۽ پوءِ انهن ئي ريفائن ڪيل شين کي عالمي منڊي ۾ وڪڻي ناڻو حاصل ڪيو. اهڙي طرح تيل هندستان لاءِ رڳو توانائي نه رهيو، پر معيشت جي رفتار بڻجي ويو.

اڪثر اهو تاثر ڏنو ويندو آهي ته روس وينزويلا جو تيل ڪٽي هندستان کي وڪرو ڪندو رهيو، پر حقيقتون ان جي تصديق نٿيون ڪن. روس پاڻ دنيا جي وڏن تيل پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ شامل آهي ۽ هندستان کي جيڪو تيل هن فراهم ڪيو اهو گهڻو ڪري سندس پنهنجي پيداوار هو. وينزويلا سان روس جو تعلق گهڻو ڪري پابندين، قرضن ۽ سياسي لاجسٽڪس تائين محدود رهيو. اصل راند تيل جي مقدار جي نه، پر ان جي ڪنٽرول ۽ رستي جي هئي. اڄ جڏهن ٽرمپ وينزويلا جي تيل کي ٻيهر آمريڪي ڪنٽرول هيٺ عالمي منڊي ۾ آڻڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي ته اها رڳو وينزويلا جي خبر نه ٿي رهي، اها ان ڳالهه جو اعلان آهي ته توانائي جي سياست ۾ نئين سر بساط وڇائي پئي وڃي. تيل اڄ به طاقت آهي، پر اها طاقت پيداوار کان وڌيڪ سپلائي چين ۽ سياسي فيصلن ۾ لڪل آهي.

هتي سوال پيدا ٿئي ٿو ته پاڪستان هن نقشي ۾ ڪٿي بيٺو آهي. اهو درست آهي ته پاڪستان تيل پيدا ڪندڙ ملڪ ناهي ان جي پنهنجي پيداوار محدود آهي ۽ ان وٽ عالمي سطح جون وڏيون تيل ڪمپنيون به ناهن. پر اها به حقيقت آهي ته پاڪستان وٽ ريفائننگ جو بنيادي ڍانچو موجود آهي، خام تيل درآمد ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي ۽ سڀ کان اهم ڳالهه اها ته پاڪستان وٽ اهڙي جغرافيائي اهميت آهي جيڪا تاريخ ۾ بار بار طاقتور قوتن جي توجهه جو مرڪز رهي آهي.

انهيءَ ئي نقطي تي ٽرمپ جو پراڻو جملو ٻيهر زنده ٿي وڃي ٿو. شايد هو پاڪستان کي سعودي عرب بڻائڻ جي ڳالهه نه ڪري رهيو هو پر ان ماڊل ڏانهن اشارو ڪري رهيو هو جنهن هندستان کي فائدو ڏنو ذخيرن جي نه، پر ڪردار جي رستي، شراڪت ۽ سياسي بندوبست جي. خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن ٽرمپ ۽ مودي جا لاڳاپا تڪرار جو شڪار آهن، ٽيرف جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ۽ هندستان کي اهو احساس ڏياريو پيو وڃي ته عالمي سياست ۾ ڪو به مستقل ناهي.

توانائي جي دنيا ۾ دوستي مستقل ناهي هوندي، مفاد هوندو آهي. اڄ هندستان خريدار آهي، سپلائي ان تي دٻاءُ وڌي سگهي ٿو. اڄ پاڪستان ڪمزور آهي، سپلائي ان کي موقعو ملي سگهي ٿو. اهو ئي جيوپوليٽڪس جو تلخ پر سچو اصول آهي.

اهو چوڻ ته پاڪستان سپلائي ٿي هندستان کي تيل وڪڻڻ لڳندو، حقيقت کان پري هوندو. پر اهو چوڻ به ته ٽرمپ جو بيان رڳو مذاق هو، هاڻي وقت جي اڳيان ڪمزور لڳي ٿو. ڪجهه جملا وقت کان اڳ چيا ويندا آهن ۽ وقت ئي انهن جي تشريح ڪندو آهي. ان وقت ماٺهو ڪلندا هئا. اڄ اهي سوچين ٿا ۽ شايد ايندڙ ڏينهن ۾ اهي ئي ماڻهو نقشو بدلجندو ڏسن. ڇو ته تاريخ اڪثر شور ۾ نه، پر خاموش تبديلين ۾ لڪي ويندي آهي.

> توانائي جي دنيا ۾ دوستي مستقل ناهي هوندي، مفاد هوندو آهي. اڄ هندستان خريدار آهي سپلائي ان تي دٻاءُ وڌي سگهي ٿو اڄ پاڪستان ڪمزور آهي سپلائي ان کي موقعو ملي سگهي ٿو اهو ئي جيوپوليٽڪس جو تلخ پر سچو اصول آهي اهو چوڻ ته پاڪستان سپلائي ٿي هندستان کي تيل وڪڻڻ لڳندو حقيقت کان پري هوندو پر اهو چوڻ به ته ٽرمپ جو بيان رڳو مذاق هو هاڻي وقت جي اڳيان ڪمزور لڳي ٿو ڪجهه جملا وقت کان اڳ چيا ويندا آهن ۽ وقت ئي انهن جي تشريح ڪندو آهي ان وقت ماٺهو ڪلندا هئا. اڄ اهي سوچين ٿا ۽ شايد ايندڙ ڏينهن ۾ اهي ئي ماڻهو نقشو بدلجندو ڏسن ڇو ته تاريخ اڪثر شور ۾ نه، پر خاموش تبديلين ۾ لڪي ويندي آهي.

مڪالمو، مفاهمت ۽ مداوو، بلاول جي وقتائتي صلاح!

احسان ابڙو

قومي شاعر حضرت علامه محمد اقبال ڪيترائي ڏهاڪا اڳ پنهنجي شاعريءَ ذريعي پيغام ڏنو هو ته فرد ۽ ماڻهن کي پنهنجي قوم ۽ ملڪ سان جڙيل رهڻ گهرجي، پنهنجا ذاتي، زباني، گروهي ۽ مذهبي جذبا اعتدال ۾ رکڻ گهرجن ته جيئن ڪو دشمن، مخالف جي اميدن کي مايوس نه ڪري سگهي.

پاڪستان ۾ هن وقت سياسي عدم استحڪام، معاشي مشڪلاتون، مهانگائي، بيروزگاري، عدم مساوات ۽ دهشتگرديءَ جي ڪري مايوسيءَ جي صورتحال آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت قوم کي متحد رکي هن مشڪل صورتحال مان نڪرڻ جو صحيح صلاح ڏئي رهي آهي.

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي يوم شهادت تي عظيم الشان جلسي ۾ خطاب ڪندي صدرِ مملڪت آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ به اهڙن ئي خيالن جو اظهار ڪيو. صدرِ مملڪت گذريل سال پاڪستان جي ڪاميابين جو فخر سان ذڪر ڪيو ۽ پنهنجي بهادر فوج جي بهادري، پيشهورانه مهارت ۽ شاندار ڪارڪردگيءَ جي تعريف ڪئي. هن فيلڊ مارشل ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جنرل عاصم منير جي ملڪ جي اندروني، ٻاهرين ۽ معاشي معاملن ۾ حڪومت جي مدد ۽ عالمي برادريءَ سان پاڪستان جي بهتر ٿيندڙ تعلقات ۾ خدمتن جي ساراهه ڪئي ۽ تنهي هٿيارٻند فوج جي قيادت، آفيسرن ۽ جوانن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

صدرِ مملڪت قوم کي پاڪ فوج جي مڪمل اخلاقي ۽ سياسي حمايت جو مشورو ڏنو ته جيئن ڀارت جهڙي دشمن جي خطري کي مڪمل طور تي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪ فوج کي سڄي قوم جي غير متزلزل حمايت حاصل ٿئي. ان کان علاوه پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي سياسي صورتحال تي دليل سان ڀريل تقرير ڪندي سياسي جماعتن کي پنهنجا سياسي اختلاف پوئتي رکندي پاڪستان جي ترقي، امن، استحڪام ۽ سياسي مفاهمت تي زور ڏنو.

پيپلز پارٽيءَ جي قيادت هميشه پاڪستان جي بقا جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ پنهنجن سياسي ۽ نظرياتي اختلافن کي ادارن تي بيجا تنقيد ڪري ڪڏهن به هوا نه ڏني آهي. پيپلز پارٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ۽ پارٽيءَ جي وڏي نقصان جي باوجود ادارن ۽ ملڪي سالميت جي خلاف ڪڏهن به منفي نفرت واري مهم نه هلائي هميشه ملڪ ۾ آئين، قانون ۽ جمهوريت جي بالادستيءَ جي جنگ وڙهي آهي ۽ هاڻي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدرِ مملڪت آصف علي زرداري پنهنجي فهم ۽ دانشمنديءَ سان ان مفاهمتي سياست کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ڪوششن ۾ مصروفِ عمل آهن.

پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پوين ڪيترن ئي ڏينهن کان ملڪ ۾ انتشار ۽ افراتفريءَ جي سياست کي فروغ ڏيندڙ تحريڪِ انصاف کي يقين ڏياري رهيو آهي ته توهان جي منفي ۽ نفرت تي ٻڌل سياست ۽ ملڪي ادارن جي خلاف ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ شرانگيزي نه ملڪ جي مفاد ۾ آهي ۽ نه ادارن جي. عمران خان ۽ سندس جماعت پنهنجن اندروني پارٽي ۽ خانداني اختلافن کان عوام جو ڌيان هٽائڻ لاءِ پاڪستان جي اعليٰ سيڪيورٽي ادارن، فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير جي ذاتي ڪردار ڪشي ۽ معزز عدالت تي تنقيد ذريعي دٻاءُ وجهي پنهنجي ۽ جماعت جي ٻين ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث عنصرن خلاف جيڪا مهم هلائي رهيا آهن، ان مان انهن کي فائدي بدران سخت نقصان پهچي رهيو آهي. ان نقصان کان بچڻ لاءِ پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خان صاحب ۽ سڀني سياسي جماعتن کي مڪالمي، مفاهمت ۽ مداوي جو مشورو ڏنو آهي. پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اهڙو سياسي مڪالمو چاهي ٿو جيڪو پنهنجي پنهنجي جماعتي منشور ۽ نظرين کي اڳيان رکي عوام جي ڀلائي، سنڌن بهتري، عوامي مساوات، ملڪي ترقي، استحڪام ۽ امن کي يقيني بڻائي. پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اهڙي سياسي مفاهمت جو خواهشمند آهي، جيڪا پنهنجي پنهنجي سياسي نظرين ۽ اصولن کي نظر ۾ رکندي صرف ملڪ ۽ عوامي مفادن ۾ هجي.

پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سياسي مخالفن جي ڪري ماضيءَ ۾ ٿيل سياسي نقصانن جي اهڙي ڳالهه ٻولهه جي ڳالهه ڪري رهيو آهي، جيڪو ماضيءَ جي تلخين کي ختم ڪري معاشري ۾ نوان سياسي اخلاقي رواج پيدا ڪري. اهڙي ڳالهه ٻولهه، جيڪا سياسي مخالفن جي دلين مان هڪ ٻئي لاءِ ذاتي انا ۽ نفرت کي ختم ڪري صحتمند سياسي مقابلي جي بنياد تي بيٺل هجي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت، خاص طور تي صدرِ مملڪت سمجهي ٿو ته پاڪستان کي هن وقت سياسي هم آهنگي، مضبوط سياسي ۽ عسڪري قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا ملڪي ۽ عالمي سطح تي نه رڳو پاڪستان جو سياسي تاثر بهتر ڪري سگهي پر پاڪستان کي عدل ۽ انصاف جي انڊيڪس ۾ (جتي پاڪستان هيٺين نمبرن تي آهي) بهتر پوزيشن ۾ آڻڻ جا قدم کڻي سگهي ته جيئن ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف جي فراهميءَ جو عمل نه رڳو تيز ٿئي پر مذهبي تقاضن مطابق هر پاڪستانيءَ کي بنا ڪنهن شيءِ جي عدل ۽ انصاف فراهم ٿئي ۽ پاڪستان جي معاشي ترقيءَ لاءِ اهڙا ڏور رس ۽ مضبوط قدم کنيا وڃن، جيڪي مستقبل ۾ هڪ مضبوط، مستحڪم سياسي، معاشي ۽ عسڪري پاڪستان جي دنيا جي بنياد بڻجي سگهن. اهڙي ئي مضبوط ۽ يقين سان پريل اميدن لاءِ علامه اقبال فرمايو آهي ته:

ملت سان پنهنجو رابطو قائم رک،
شجر سان جڙي رهي بهار جي اميد رک

مصنوعي دل: زندگي بچائڻ جو جديد طريقو!

غلام فاروق

دل جي بيمارين جو شڪار ٿيڻ وارن مريضن لاءِ مصنوعي دل هڪ انقلابي ترقي آهي جيڪا نه صرف زندگي بچائي ٿي پر اميد جي نئين روشني پڻ پيدا ڪري ٿي سنڌ ۾، جتي دل جي بيمارين جو تناسب تمام گهڻو آهي اهڙيون طبعي ترقيون خاص طور تي اهم آهن آهن پاڪستان ۾ دل جي بيمارين جو شڪار ٿيڻ وارن جو تعداد هر سال وڌي رهيو آهي ۽ سنڌ جو عوام لاءِ اهو هڪ وڏو مسئلو آهي هاءِ بلڊ پريشر، شوگر ۽ غير صحتمند طرز زندگيءَ جي ڪري نوجوانن ۾ به دل جي مسئلن جو خطرو وڌي رهيو آهي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊيزيز (اين آءِ سي وي ڊي) جهڙا ادارا سنڌ ۾ دل جي مريضن لاءِ مفت علاج فراهم ڪري رهيا آهن پر مصنوعي دل جهڙيون پيچيده ٽيڪنالاجيون اڃا تائين محدود آهن اڄ اسان هتي مصنوعي دل، ان جو ڪم ڪرڻ جو طريقو، ان جا قسم، فائدا، خطرا ۽ پاڪستان ۾ ان جي دستيابيءَ تي بحث ڪنداسين ته جيئن عوام کي هن اهم موضوعءَ تي معلومات ملي.

دل انساني جسم جو اهو مرڪزي عضوو آهي جيڪو رت کي پمپ ڪري سڄي جسم ۾ آڪسيجن ۽ غذائي مواد پهچائي ٿو جڏهن دل ڪمزور ٿي وڃي ٿي يا مڪمل طور تي ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏي ٿي ته مريض جي زندگيءَ کي شديد خطرو لاحق ٿي وڃي ٿو روايتي طور تي دل جي ٽرانسپلانٽ هڪ حل آهي پر دل جا عطيو ڪندڙ گهٽ هجڻ جي ڪري اهو هر مريض لاءِ ممڪن ناهي هن مسئلي جو حل مصنوعي دل آهي جيڪا هڪ مڪينيڪل ڊوائيس آهي جيڪا دل جي جاءِ تي ڪم ڪري ٿي مصنوعي دل جا ٻه مکيه قسم آهن: ٽوٽل آرٽيفيشل هارٽ (TAH) ۽ وينٽريڪيولر اسسٽ ڊوائيس (VAD). TAH مڪمل طور تي دل کي تبديل ڪري ٿو جڏهن ته VAD صرف دل جي هڪ يا ٻنهي وينٽريڪلز کي سپورٽ ڪري ٿو ان ٽيڪنالاجيءَ جي شروعات 20هين صديءَ جي وچ ۾ ٿي پر هاڻي اها هڪ حقيقت بڻجي چڪي آهي مصنوعي دل جي تاريخ دلچسپ ۽ چئلينجن سان ڀرپور آهي 1930ع واري ڏهاڪي ۾ سوويت سائنسدان ولاديمير ڊيميخوف پهريون ڀيرو هڪ ڪتي ۾ مصنوعي دل لڳائي 1950ع ۾ آمريڪي سائنسدانن هارٽ لنگ مشين تيار ڪئي جيڪا آپريشن دوران دل کي سپورٽ ڪندي هئي 1960ع واري ڏهاڪي ۾ وليم ڪولف ۽ رابرٽ جارويڪ جهڙن سائنسدانن مصنوعي دل تي وڌيڪ تحقيق ڪئي 1969ع ۾ ڊومنگو ليوٽا ۽ ڊينٽن ڪولي پهريون ڀيرو انسان ۾ مصنوعي دل لڳائي جيڪا 64 ڪلاڪن تائين ڪم ڪئي 1982ع ۾ بارني ڪلارڪ نالي مريض ۾ جاروڪ-7 مصنوعي دل لڳائي وئي جيڪو هڪ سئو 12 ڏينهن جيئرو رهيو هن واقعي سان مصنوعي دل جي ميدان ۾ انقلاب آيو 2000ع واري ڏهاڪي ۾ ابيوڪور ۽ سين ڪارڊيا جهڙيون ڊوائيسز مارڪيٽ ۾ آيون جيڪي مريضن کي ٽرانسپلانٽ جو انتظار ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.

مصنوعي دل ڪيئن ڪم ڪري ٿي؟ اهو هڪ ڏکيو مرحلو آهي جيڪو دل جي پمپنگ فنڪشن کي نقل ڪري ٿو عام طور تي اهو ٽائيٽانيم يا پلاسٽڪ مان ٺهيل هوندو آهي ۽ بيٽري يا ٻاهرين پاور وسيلي هلندو آهي سين ڪارڊيا TAH ۾ ٻه وينٽريڪلز هوندا آهن جيڪي هوا جي پريشر سان رت کي پمپ ڪندا آهن ڪارمٽ ايسن جهڙين جديد ڊوائيسز ۾ هائيڊرولڪ فلئيڊ استعمال ٿيندو آهي ته جيئن رت جو وهڪرو قدرتي دل وانگر هجي بائيواڪور TAH ۾ ميگنيٽڪ ليويٽيشن ٽيڪنالاجي استعمال ٿيندي آهي جيڪا هڪ روٽري پمپ سان ڪم ڪري ٿي ۽ والوز جي ضرورت ناهي اهي ڊوائيسز سينسرز سان ليس هونديون آهن جيڪي رت جي پريشر ۽ وهڪري تي نظر رکنديون آهن ۽ ورزش دوران وهڪرو وڌائينديون آهن پاڪستان ۾ اين آءِ سي وي ڊي ۾ VAD جهڙيون ڊوائيسز استعمال ٿينديون آهن جيڪي دل جي کاٻي وينٽريڪل کي سپورٽ ڪنديون آهن.

مصنوعي دل جا قسم مختلف ضرورتن مطابق آهن ٽوٽل آرٽيفيشل هارٽ (TAH) مڪمل دل کي تبديل ڪري ٿو ۽ ٻنهي وينٽريڪلز کي سپورٽ ڪري ٿو سين ڪارڊيا 70 سي سي مردن لاءِ ۽ 50 سي سي عورتن ۽ ٻارن لاءِ موجود آهي ڪارمٽ ايسن بائيوپروسٿيٽڪ والوز سان ٺهيل آهي ۽ يورپ ۾ دستياب آهي ابيوڪور اليڪٽرڪ پاورڊ آهي ۽ ٽرانسڪيوٽينيئس انرجي ٽرانسفر استعمال ڪري ٿو بائيواڪور روٽري پمپ تي ٻڌل آهي ۽ پلس پيدا ڪري ٿو وينٽريڪيولر اسسٽ ڊوائيس (VAD) جهڙوڪ هارٽ ميٽ III يا برلن هارٽ صرف سپورٽ فراهم ڪندا آهن ۽ ٻارن لاءِ به استعمال ٿيندا آهن.

هن تصوير ۾ مصنوعي دل جو هڪ جديد ماڊل ڏيکاريو ويو آهي جيڪو طبعي طور تي استعمال ٿيندو آهي مصنوعي دل جا فائدا واضح آهن اهو مريضن کي ٽرانسپلانٽ جو انتظار ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو جنهن کي برج ٽو ٽرانسپلانٽ سڏيو ويندو آهي ڪجهه ڊوائيسز کي



مستقل طور تي استعمال ڪري سگهجي ٿو خاص طور تي جڏهن ٽرانسپلانٽ ممڪن ناهي جديد ٽيڪنالاجيءَ سان رت جو وهڪرو بهتر ٿئي ٿو ۽ مريض پنهنجي روزمره جي زندگي گذاري سگهن ٿا بائيواڪور جهڙيون ڊوائيسز ۾ انفيڪشن جو خطرو گهٽ آهي ڇو ته والوز ناهن پاڪستان ۾ دل جي بيمارين جو تناسب 30 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي ۽ سنڌ ۾ اين آءِ سي وي ڊي جو هب اينڊ اسپوڪ ماڊل ڳوٺاڻن علائقن تائين رسد فراهم ڪري رهيو آهي هن ماڊل سان هزارين مريضن جي زندگي بچي آهي ۽ مصنوعي دل جهڙيون ترقيون ان کي وڌيڪ مضبوط بڻائينديون پر مصنوعي دل سان لاڳاپيل خطرا به آهن انفيڪشن رت جو جمڻ اسٽروڪ بليڊنگ ۽ عضون جو فيل ٿيڻ عام مسئلا آهن جاروڪ-7 سان لاڳاپيل مريضن ۾ اسٽروڪ ۽ انفيڪشن سبب وفات ڪري ويا سين ڪارڊيا ۾ ٻاهرين ڊرائيو لائنز انفيڪشن جو سبب بڻجن ٿيون ڪارمٽ ايسن ۾ ابتدائي ٽرائيلز ۾ مريض صرف 75 ڏينهن جيئرا رهيو بائيواڪور ۾ ميگنيٽڪ ٽيڪنالاجيءَ سان خطرا گهٽ ٿيا آهن پر اڃا تائين تحقيق جاري آهي پاڪستان ۾ اهڙيون پيچيدگين کي منهن ڏيڻ لاءِ اين آءِ سي وي ڊي جهڙا ادارا تربيت يافته آهن پر وسيلن جي کوٽ هڪ وڏو مسئلو آهي جديد دور ۾ بائيواڪور TAH جو ذڪر ضروري آهي 2024ع ۾ ٽيڪساس هارٽ انسٽيٽيوٽ ۾ پهريون انساني امپلانٽ ٿيو ۽ 2025ع ۾ آسٽريليا ۾ مريضن کي ٽرانسپلانٽ تائين سپورٽ ملي FDA پاران بريڪ ٿرو ڊوائيس ڊيزائنيشن ملڻ سان ان جو استعمال وڌيو آهي 2025ع ۾ بائيواڪور کي TAP پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو، جيڪو ان کي تيزيءَ سان مارڪيٽ ۾ آڻڻ ۾ مدد ڏيندو سين ڪارڊيا ۽ ڪارمٽ به بهتر ٿي رهيا آهن ۽ سوفٽ TAH جهڙيون نئيون ڊيزائنز تحقيق هيٺ آهن لنڪوپنگ يونيورسٽيءَ ۾ ميگنيٽڪ ڪئميرا سان رت جي وهڪري جو مطالعو ڪيو ويو، جيڪو رت کي جمڻ جي خطري کي گهٽائيندو.

پاڪستان ۾ مصنوعي دل جو منظر اميد بخش آهي اين آءِ سي وي ڊي ڪراچيءَ ۾ 2018ع ۾ پهريون مڪينيڪل هارٽ ٽرانسپلانٽ ٿيو جيڪو VAD هو 2025ع ۾ ٽوٽل آرچ ريپليسمينٽ جهڙيون پيچيده سرجريون ٿيون، جنهن ۾ ترڪيءَ جي ماهرن سان گڏجي ڪم ڪيو ويو سنڌ حڪومت جي مدد سان اين آءِ سي وي ڊي دنيا جي سڀ کان وڏي دل جي اسپتال بڻجي چڪي آهي مستقبل ۾ مصنوعي دل مستقل حل بڻجي سگهي ٿي تحقيق سان ڊوائيسز کي وڌيڪ ننڍڙا، پورٽيبل ۽ بائيوڪمپيٽيبل بڻايو پيو وڃي AI ۽ بائيو انجنيئرنگ سان اهي ڊوائيسز قدرتي دل وانگر ڪم ڪنديون پاڪستان ۾ اين آءِ سي وي ڊي جهڙا ادارا عالمي تعاون سان ترقي ڪري سگهن ٿا سنڌ جي عوام کي دل جي بيمارين کان بچاءَ لاءِ صحتمند زندگي گذارڻ گهرجي ۽ حڪومت کي اهڙيون ٽيڪنالاجيون عام ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (آرٽيفيشل انٽيليجنس) يونيورسٽي آف يونيمارڪوٽي اٽلي ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي آءِ ۽ ريسرچ، ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي)

اڄوڪو ڏينهن 09 جنوري

حڪيم محمد سعيد



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي 20هين گورنر حڪيم محمد سعيد جي جنم جو ڏينهن آهي هو پنهن جي دور جو ناليوارو حڪيم، علم ۽ انسان دوست شخصيت جو مالڪ هو. هن حڪمت، فلسفي، صحت، مذهب ۽ سماجي موضوعن تي لڳ ڀڳ 2 سئو ڪتاب لکيا ٻارن لاءِ به ڪيترائي ڪتاب لکيائين حڪيم محمد سعيد 9 جنوري 1920ع تي نئين دهليءَ ۾ ڄائو هو نئين دهلي يونيورسٽيءَ مان بي فارميسي بئچلر آف سائنس ۽ ماسٽر آف سائنس جون سندون حاصل ڪيون. 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ اچي آباد ٿيو هن 1948ع ۾ حڪمت تي تحقيق لاءِ همدرد ليبارٽريز جو بنياد رکيو ۽ انهن تجربيگاهن جو تاحيات ڊائريڪٽر رهيو. 1952ع ۾ انقره يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمسٽري واري شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر مقرر ٿيو پر 1963ع ۾ انهيءَ عهدي تان استعيفا ڏنائين 1985ع ۾ همدرد يونيورسٽيءَ جو بنياد وڌائين ۽ ان جي پهرئين وائيس چانسلر طور خدمتون سرانجام ڏنائين ڪيترن ئي تحقيقي رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو هو 19 جولاءِ 1993ع کان 23 جنوري 1994ع تائين سنڌ جو گورنر رهيو. 17 آڪٽوبر 1998ع تي آرام باغ ڪراچيءَ ۾ ڪجهه دهشتگردن گوليون هڻي کيس شهيد ڪري ڇڏيو. پاڪستان سرڪار پاران 1966ع ۾ کيس ستاره امتياز ۽ 2002ع ۾ شهادت کان پوءِ نشان امتياز سان نوازيو ويو.

منوهر ٿهلاڻي



سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ سنڌيڪار جو جنم 9 جنوري 1940ع تي نوشهري فيروز جي مشهور شهر مٺياڻي ۾ جيٺ ڪرشن داس ٿهلاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ احمدآباد ۾ رهائش اختيار ڪيائين هن سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون ۽ احمدآباد جي سي جي هائر سيڪنڊري اسڪول جي وائيس پرنسپال جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيو هن کي سنڌيءَ سان گڏ هنديءَ ۽ گجراتي ٻولين تي عبور حاصل آهي هن ٻارن ۽ وڏن لاءِ ويهارو کن ڪتاب لکيا آهن سندس مشهور ڪتابن ۾ وير ٻلڪ، گلدستو، هوءَ مڇي وٺي شمع جلندي رهي، سنڌيءَ جا اعلي ادب ۽ اڻڪيون اڪائون شامل آهن. ادبي خدمتن

سال جو معصوم ٻارڙو هو جو ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ هن جي مائٽن پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي هندستان جا وڻ وڃي وسايا. هن ابتدائي تعليم احمدآباد مان حاصل ڪئي بي اي جي سند پوني مان، صحافت ۾ ڊپلوما جئپور مان ۽ پي ايڇ ڊي جي سند ممبئيءَ مان حاصل ڪيائين بي ايڊ جي ڊگري به حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول ٽيچر طور ڪئي ان بعد مختلف نوڪريون ڪيائين هن گجرات ساهتيه اڪيڊميءَ جي چيئرمين طور به ڪم ڪيو ادب جي ستي تنديڻ کان ئي پيتل هئس هو اڃا ٺين ڪلاس جو شاگرد هو جڏهن هن جو پهريون ٻاراڻو نظم "موٽرڪار" ڦلواڙي رسالي ۾ ڇپيو هو هڪ بلند پائيءَ جو شاعر، ڪهاڻيڪار، سنڌيڪار ۽ مضمون نگار هو هن ٻارن جي لاءِ به گهڻو ڪجهه لکيو هن جي تصنيف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد 2 سئو 50 کان وڌيڪ آهي



سلطان علي خواجه

سلطان علي خواجه لاڙ جي علائقي جو مشهور سماج سڌارڪ ۽ ادب دوست انسان هو سندس ولد سيٺ رمضان علي شاهبندر علائقي جو وڏو زميندار هو هن مئٽرڪ جو امتحان گرداس مل هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو ان بعد ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين پر ڪن سببن جي ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏي وڃي پنهنجي زمينداري سنڀاليائين هن پنهن جي سياسي سفر جي شروعات ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ڪانگريس ۾ شموليت سان ڪئي اڳتي هلي آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو سندس واسطو اسماعيلي فرقي سان هو ۽ پاڻ اسماعيليه مشن ٺٽي جي محمد خان جو چيئرمين ۽ استاد رهيو هو اسماعيليه ايسوسيئيشن جو به ميمبر رهيو ادب ۽ اسلامي تاريخ سان خاص لڳاءُ هئس 1955ع ۾ ٺٽي محمد خان مان "ميراث" نالي رسالو جاري ڪيائين هن "روشني" نالي هڪ اخبار پڻ جاري ڪئي هن ٻلاري پٽ ڏٺيءَ جي شاعريءَ جو انتخاب "چراغ حقيقت" جي نالي سان ڇپرائي پٽرو ڪيو ساڳيءَ طرح مولانا روميءَ جي مثنويءَ جو انتخاب "اولي الامر" نالي سان شايع ڪرايو حضرت علي ڪرم الله وجهه جي سوانح عمري ۽ شهيد تمنا نالي ڪتاب به لکيائين ڪجهه افسانا به لکيائين ۽ ٿوري گهڻي شاعري به ڪيائين. هن 9 جنوري 1959ع



مختيار اثر

ٿيو ۽ اڳتي هلي پهريائين سپروائيزر ۽ پوءِ سرويئر جي عهدي تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنائين. ڪيس ادب ۽ ادبي سرگرمين سان سچي جمار دلچسپي رهي 1915ع ۾ "بزم مشاعره" لاڙڪاڻي جو جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو انهيءَ بزم پاران لاڙڪاڻي ۾ پهرين ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي اڳتي هلي سنڌ سڌار ڪاميٽيءَ جو وائيس چيئرمين ۽ جمعيت الشعراءِ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو 1948ع ۾ پير الاهي بخش جي صدارت ۾ آل سنڌ ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ حاجي محمود خادم کي "مخدوم الشعراءِ" جو خطاب ڏنو ويو هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "يادگار داستان"، "اخلاقي خون"، "رياض البلاغت"، "ستاره سنڌ" ۽ "امام مهدي" شامل آهن هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو هو ڪجهه رسالن ۽ اخبارن جو ايڊيٽر به رهيو. هن 9 جنوري 1960ع تي لاڏاڻو ڪيو.

تاراچند شيام

اڄ هند ۽ سنڌ جي مهان شاعر تاراچند شيام جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي سندس پورو نالو تاراچند داس گوڪلداس ناگواڻي هو نوشهري فيروز جي ڳوٺ ڪاهي قاسم ۾ 25 جولاءِ 1922ع تي سندس جنم ٿيو ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين مسلم مدرسه اسڪول نوشهري فيروز ۾ فارسيءَ جي استاد طور پنهن جي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي ڀارت جي شهر ممبئيءَ جا وڻ وڃي وسايائين ۽ هندستان جي پوسٽ ۽ ٽيليگراف کاتي ۾ نوڪري ڪيائين تاراچند شيام کي ڀارت جو شيخ اياز ڪوٺيو وڃي ٿو شيخ اياز ۽ تاراچند شيام اهي سنڌي شاعر آهن جن جي شاعريءَ جا وڏ ۾ وڏ مجموعا شايع ٿيا آهن ۽ جن جي شاعريءَ تي وڏ ۾ وڏ لکيو ويو آهي شيام شاعريءَ جي هر صنف سان خوب نڀايو آهي سندس غزل، هائيڪا قطعا، سانيٽ، ترائيل رباعيون، نظم ۽ گيت تخليقي شعور جي بلندين کي ڇهن ٿا ٻوليءَ جو ميٺاج لفظن جو ڇاڪ ٺيٺ سنڌي، تشبيهن جو بهترين استعمال

شاعر 9 جنوري 1989ع تي پرلوڪ پڌاريو ڪجهه حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 10 جنوري لکي وئي آهي

روشن علي ٽنيو



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار روشن علي ٽنيئي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم پهرين اپريل 1936ع تي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ يارو ديري ۾ ٿيو هن کي ننڍپڻ هوندي کان ئي ڪهاڻيون لکڻ جو شوق هو سندس پهرين ڪهاڻي فردوس رسالي ۾ 1952ع ۾ شايع ٿي ان بعد رهبر ڊائجيسٽ ۽ ٻين رسالن ۾ سندس لکڻيون ڇپجنديون رهيون هن پاڪستان ٽيليويزن لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا، جن ۾ آئيني وهاست، نازان ۽ ميڙ شامل آهن سندس هڪ ناوليٽ رهبر ڊائجيسٽ ۾ 1968ع ۾ ۽ ٻيو ناوليٽ دل جي پنيان سنڌ اخبار ۾ قسطن ۾ ڇپيو سندس ڪتابن ۾ منچور ٻڏي ويو (ڪهاڻيون)، ميرن جو مقام (ناول)، وهاڻ (ڊائري) ۽ ٽي ناوليٽ شامل آهن 9 جنوري 1997ع تي وفات ڪيائين

جهمنداس عاشق



جهمنداس عاشق سنڌ جو هڪ پلوڙ شاعر ۽ محنتي صحافي هو سندس پورو نالو جهمنداس جيٺنمل طلب هو شاعريءَ ۾ سندس تخلص "عاشق" هو هن 15 مئي 1924ع تي سنڌ جي شهر شڪارپور ۾ اکيون کوليون سنڌي فائنل جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيائين سلطان ڪوٽ جي شاعرن آغا نادر خان ۽ گل حسن گل جي صحبت ۾ شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيس هن شڪارپور ۾ "بزم ادب شڪارپور" ۽ "بزم سجل سرمست" جو بنياد رکيو "صوفي ڪلب شڪارپور" سان به سلهاڙيل رهيو جهمنداس عاشق هڪ سٺو صحافي پڻ هو ۽ ڪجهه اخبارون به جاري ڪيائين 9 جنوري 2001ع تي وفات ڪيائين

مجذوب لاشاري

اڄ لاڙ جي مشهور شاعر مجذوب لاشاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن پلوڙ شاعر جو اصل نالو محمد صديق ولد محمود خان لاشاري هو ۽ هن جو جنم 12 مارچ 1932ع تي ڳوٺ ٻلو جمالي تعلقي ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ ٿيو. هن سنڌي فائنل تائين تعليم

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص
(روبرو محترم مريم صبا)
فيملي سوٽ نمبر 121 سال 2025

مسمات بلقيس ڌيءِ خان محمد ذات خاصخيلي رهاڻڪ ڳوٺ عطر خان مري ديهه-134 بي.او جهربي تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص....پلينٽف...خلاف... علي اڪبر پٽ ڪيهر خان ذات خاصخيلي رهاڻڪ ڳوٺ گرهوڙ شريف يو سي گرهوڙ شريف تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ اينڊ جي.ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج اينڊ جي.ايم-II قاضي احمد
C.R.M.A NO.06 OF 2026

مختيار علي شاهي پٽ گهنور خان شاهي رهاڻڪ ڳوٺ ٽرائي تعلقو جوهي ضلعو دادو...اپليڪينٽ...خلاف دي اسٽيٽ....آپونينٽ

دي جنرل پبلڪ:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ زير قلم 516-A سي آر پي سي تحت درخواست داخل ڪئي : بيڊ فورڊ ٽرڪ بيئرنگ رجسٽريشن نمبر JT-6169 انجڻ نمبر1170 چيسز نمبر615656 ماڊل 1978 جي وصولي لاءِ جيڪو پوليس پي.ايس قاضي احمد وٽ ڪرائيم نمبر2026/09 تحت ضبط آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول فيملي جج-II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

سول/گارڊين جج اينڊ جي.ايم-II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارڊين شپ اپليڪيشن نمبر.... سال 2026

مسمات عربي بيواهه ولي محمد حاجاڻو، درخواستگذار. (اي) غلام مصطفيٰ (عمر اٽڪل 13 سال)، (بي) لطيفان (عمر اٽڪل 12 سال)، (سي) سيمان (عمر اٽڪل 11 سال)، (ڊي) ميمان (عمر اٽڪل 07 سال) (اِي) مشتاق (عمر اٽڪل 05 سال).. سڀ مائنر پٽ ڌيئرون مرحوم ولد محمد حاجاڻو رهاڻڪ ڳوٺ ڏاڙهون حاجاڻو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري...اپليڪينٽ...خلاف: (1) غلام حسين (2) مسمات ريحانه زال حبيب الله (3) مسمات فرزانه زال شير محمد سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم ولد محمد (4) مسمات بچي زال غلام حسين (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس نمبر05 ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين شپ اپليڪيشن انڊر سيڪشن 10.07 ۽ 29 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/گارڊين جج اينڊ جي.ايم-II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 557 سال 2025

مسمات نذيران ڌيءِ حاجي رحيم بخش رهاڻڪ پنگوڙ ڪالوني نزد بهادر شاپ ڪيبر سڪرنڊ روڊ نوابشاه....پلينٽف...خلاف: محمد رحيم ولد عبدالرحيم بروهي رهاڻڪ ڳوٺ منگل تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس رڪوري حق مهر سونا زيور ۽ جهيز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 171 سال 2025

مسمات سوريا ڌيءِ محمد حسن چنا رهاڻڪ ڳوٺ 21 ديهه سڪرنڊ....پلينٽف...خلاف: بدرالدين ولد محرم بچل چنا رهاڻڪ ڳوٺ 21 ديهه سڪرنڊ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عزير ولد محمد شفيق ذات آرائين درخواست ڏني آهي ته سنڌس ماءُ نالي صائمه ڌيءِ محمد اڪرم آرائين تاريخ 22-11-2022 تي فوت ٿي وئي آهي فوتي کي ديهه نمبر 291 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر/ سروي نمبر 211, 206 TO 217, 216, 219, 224, 225, 247 TO 254, 180 TO 189, 178, 255 TO 258, 230, 229, 218 ڪل ايراضي (148-14) مان حصي موجب ايراضي 00-7 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ محمد اڪرم آرائين ديهه نمبر291 ۾ ڪري اٿي ابن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) محمد عزير ولد محمد شفيق (2) عريبه ڌيءِ محمد شفيق (3) ماهره ڌيءِ محمد شفيق (4) محمد شفيق ولد محمد صديق هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري، بي صورت مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پو ڪوبه اعتراض ٻڌو نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد طيب ولد بابو ذات دل درخواست ڏني آهي ته سنڌس ماءُ نالي دوران زال بابو دل تاريخ 16-10-2023 تي فوت ٿي وئي آهي فوتي کي ديهه نمبر284 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر/ سروي نمبر115، 111 ڪل ايراضي 16-04 مان حصي موجب ايراضي 00-2 (اڪرين ٻه ايڪڙ) ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ بابو دل ديهه نمبر284 ۾ ڪري اٿي ابن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) محمد طيب ولد بابو دل (2) محبوب خان ولد بابو دل (3) محمد سليم ولد بابو دل (4) ممتاز ولد بابو دل (5) بچي ڌيءِ بابو دل هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري، بي صورت مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پو ڪوبه اعتراض ٻڌو نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ درخواستگذار نالي حسنه زال غلام نبي ذات ٽالپر ويٺل قيصر خان ٽالپر تعلقو سنجهورو جن درخواست ڪئي آهي ته سنڌس مڙس فوتي غلام نبي ولد محمد بچل جيڪو مورخه 21-12-2025 تي فوت ٿي ويو آهي. فوتي سرڪاري ڊپارٽمينٽ ۾ بطور ايجوڪيشن ملازم هو جنهن جو جائز وارثن جو وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ علائقي جي ٻن معزز ماڻهن هر هڪ 01- نالي غازي خان ولد سڪندر علي 02- رضوان علي ولد غلام ڪريم وارن پنهنجو بيان ppc جي قلم 193 تحت رڪارڊ ڪرايو آهي. جنهن موجب جائز وارث هيٺيان ظاهر ٿيا آهن .وارث -1حسنه فوتي جي زال -2 سڪينه فوتي جي ڌيءِ -3 غلام مرتضيٰ فوتي جو پٽ-4 سميران فوتي جي ڌيءِ -5راجا اسد علي فوتي جو پٽ -6 لکي شهنشاهه علي فوتي جو پٽ-7 سمران عرف پانڊي فوتي جي ڌيءِ -8 ماروي فوتي جي ڌيءِ نوٽ: مٿين وارثن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به جائز وارث يا ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن بيان جي شايع ٿيڻ بعد 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪرائيندا بي صورت ۾ تاخير گذرڻ بعد وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو سنجهورو

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته فوتي نالي ڪوڙو خان زرداري ولد ڪٻڙ زرداري جيڪو تاريخ .... تي فوت ٿي ويو سنڌس کاتي ۾ زرعي زمين ديهه 3-الغداد تعلقو دوڙ ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو بدل بابت درخواست هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پهتل آهي جنهن ۾ فوتي جا هيٺيان جائز وارث ڏيکاريل آهن وارثن بابت تفصيل: (1) انور پٽ ڪوڙو خان (2) عزيز الله پٽ ڪوڙو خان (3) صاحبزادي ڌيءِ ڪوڙو خان (4) شهزادي (بيواهه). نوٽ: فوتي فقہ جعفري سان تعلق رکندڙ هيو نوٽ: مٿي ڏيکاريل وارثن بابت ڪنهن شخص يا ڪنهن اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 05 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض روبرو اچي لکت ۾ پيش ڪري، بي صورت ۾ فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض نه ٻڌو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين درخواست نمبر 186 سال 2025

غلام نبي ولد مرحوم اسدالله قريشي رهاڻڪ گهر نمبر 04 محلہ عظيم ڪالوني نوابشاه...اپليڪينٽ...خلاف: (1) انجم آرا بيواهه اسدالله قريشي (2) غلام رسول (3) عافيه (4) رفيعه (5) مريم اسد پٽ ڌيئرون مرحوم اسدالله قريشي رهاڻڪ گهر نمبر 04 محلہ عظيم ڪالوني نوابشاه....آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10,25,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) غلام مصطفيٰ (2) بي بي آمنه جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

بقايا 1 | ٽائر ساڙي ڌرڻو

رهواسي پاڻي ڦڙي لاءِ ترسي ويا آهن. پر ضلعي انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي ٽينڪر مافيا جي زيادتين خلاف رهواسين شهباز ميمڻ ،شاهزيب چانڊيو،عارف ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پٺاڻي ڪالوني جي سڪ چوڪ تي ڌرڻو هڻي ٽائرن کي باهه ڏيئي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٻنهي طرفن کان ايندڙ ويندڙ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته وارابندي دوران ضلعي انتظاميا طرفان پاڻي جو متبادل نه رکيو ويو جنهن ڪري ٽينڪر مافيا انتهائي وڏي قيمت تي پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن پر انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي. سائيٽ جو غريب عوام پاڻي ڊڪ لاءِ مسلسل احتجاج ڪري رهيو آهي پر انتظاميا ڪن لاٽار ڪري در گذر ڪري رهي آهي هنن چتاءُ ڏنو ته ڄاڻايل علائقن ۾ سرڪاري سطح تي ٽينڪر هلائي غريب عوام تي رحم ڪيو وڃي نه ته احتجاج کي وسيع ڪيو ويندو

بقايا 2 | نينگر زخمي

ڌانهن ڪٽي پنگريو ٿاڻي تي پهداسين ۾ پوليس ڪاروائي کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي پيرسن عورت نورخاتون وس وارن کان گهر ڪئي ۾ جوابدارن شيرمحمد انور مقصود ۽ طارق راجپوت خلاف ڪيس داخل ڪري ساڻن انصاف ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي جيئن هو سڪون جي زندگيءَ گذاري سگهن.

بقايا 3 | احتجاجي مظاهرو

مطالبا معذور ڪوٽا تي نوڪريون ڏنيون وڃن جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا نه مڃا ويا ته پنهنجي پاڻ کي پيٽرول هاري باهه ڏئي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏينداسين.

بقايا 4 | دعوي

علائقي ۾ ڪاروائي ڪئي وئي جنهن دوران پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ فائرنگ جو ڏي وٺ ٿي ۽ مقابلي ڪانپوءِ ڌاڙيل مغوين کي ڇڏي فرار ٿي ويا، جڏهن ته پوليس فوري طور ٻنهي مغوين کي بازياب ڪرائي ورتو. بازياب ٿيل مغوين جي سڃاڻپ پنجاب جي شهر لاهور جي رهواسي اصغر علي ۽ محمد ياسين آرائين طور ڪئي وئي آهي ۽ جڏهن ته پوليس موجب ٻنهي مغوين کي لڳ ڀڳ چار مهينا اڳ نسواني آواز ۾ فون ڪري رونتي ڪچي واري علائقي ۾ گهرايو ويو هو جتان ڪين اغوا ڪيو ويو. بازيابي بعد مغوين کي ابتدائي طبي امداد ڏني وئي ۽ بعد ۾ ڪين لاڙڪاڻي ٿاڻي منتقل ڪيو ويو ۽ پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن جاري آهي جڏهن ته ڪچي وارن علائقن ۾ ڌوهاري عنصرن خلاف ڪاروايون وڌيڪ تيز ڪيون ويون آهن علائقي ۾ امن امان جي بحالي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 5 | مڃتا لاءِ احتجاج

ناانصافي آهي هنن نشاندهي ڪئي ته گهڻا رٽائرڊ ملازم مختلف بيمارين ۾ مبتلا آهن جڏهن ته مالي وسيلن جي کوٽ سبب مناسب علاج ڪرائڻ کان به محروم آهن تنهن ڪري پينشنرن کي فوري طور صحت ڪارڊ جاري ڪيو وڃي. الائنس اڳواڻن ٻڌايو ته سنڌ جا پينشنر سال 2022ع کان مسلسل روڊن پريس ڪلبن ۽ ريڊ زونن ۾ احتجاج ڪندا اچي رهيا آهن. پر ان باوجود سندن جائز مسئلا حل ناهن ٿي سگهيا. هنن چيو ته گروپ انشورنس بابت مارچ 2022ع ۾ درخواستون داخل ڪيون ويون هيون، پر اڄ ڏينهن تائين اهو معاملو حل نه ٿي سگهيو آهي. هنن چيو ته بلوچستان حڪومت رٽائرڊ ملازمن کي 1987ع کان بينوئل فنڊ ۽ 2009ع کان گروپ انشورنس جون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي، جڏهن ته سنڌ ۾ ملازمن جي پگهارن مان قسطون ڪٽجڻ باوجود حڪومت ادائيگين کان انڪار ڪري رهي آهي. جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. سنڌ پينشنرز گرينڊ الائنس حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته 1970ع کان گروپ انشورنس ۽ بينوئل فنڊ جون سمورويون بقاياڻون ترت ادا ڪيون وڃن. اپريل 2022ع کان پينشن ۾ 10 سيڪڙو اضافو ڪيو وڃي، حاضر سروس ملازمن ۽ پينشنرن جي واڌ ۾ فرق ختم ڪيو وڃي ۽ پينشنرن لاءِ صحت ڪارڊ جاري ڪيو وڃي آخر ۾ اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبن جي جلد منظوري نه ملي ته لکين رٽائرڊ ملازم وزيراعليٰ هائوس ۽ بلاول هائوس آڏو سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 6 | احتجاجي مظاهرو

شهرن ۾ منشيات بند ڪرائي چورين ۽ ڦرن کي روڪيو وڃي بي صورت ۾ جمعيت علماء اسلام ضلع بدين ۾ ڀرپور احتجاجي تحريڪ شروع ڪندي

بقايا 7 | احتجاج جاري

ڪٽائي خلاف سموري پاڪستان جي ساڃاهه وند ڌرين احتجاج ڪري پنهنجو چٽو موقف ڏيئي ڇڏيو آهي هنن چيو ته سموري ملڪ جو ڪوبه ساڃاهه وند ڪارونجهر جي ڪٽائي نٿو چاهي، هنن چيو ته اسان ڪڏهن به ڪارونجهر جي ڪٽائي جي حمايت نه ڪنداسين ۽ پنهنجو احتجاج جاري رکنداسين هنن چيو ته اسان ڪارونجهر کي ورلڊ هيريٽيج ڊڪليئر ڪرائڻ تائين خاموش نه ويهنداسين

بقايا 8 | ڳوٺاڻن جو احتجاج

تي گم ٿي ويا ياد رهي ته نصرپور ان جي آسپاس چورين جو آزار وڌيل آهي ان کان اڳ حسين برهماڻي جون ٻه ٻڪريون چوري ٿي ويون پوليس ڪک پچي بيٺو نه ڪيو هت جي رهاڪن ايس ايس پي ٽنڊو الهيار ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته امن ڪرائي چورن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تي پهچايو وڃي امن قائم ڪري عوام مان بي چيني دور ڪئي وڃي حاجي محمد عالم ڪاڪيپوٽو نمائندو عبرت نصرپور

بقايا 9 | احتجاجي مظاهرو

سبب نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي شهر ۾ سرعام فحاشي جا اڏا هلي رهيا آهن جن کي فوري طور تي بند ڪيو وڃي.

بقايا 10 | ماڻهن جي تلاشي

ناڪابندي ۽ سنيپ چيڪنگ ڪئي وئي، جڏهن ته شڪي ماڻهن ۽ گاڏين جي باريڪي سان تلاشي ورتي وئي. هن ڪارروائي ۾ 15 مددگار پوليس اهلڪارن پڻ حصو ورتو ۽ پوليس ٽيمن مختلف شڪي هنڌن ڳهين هوٽلن ۽ ٻين حساس علائقن ۾ اثرائتي چيڪنگ ڪئي. آپريشن دوران ڪنهن به شڪي سرگرمي جي صورت ۾ فوري ڪارروائي لاءِ پوليس ٽيمون مڪمل طور الرٽ رهيون. ڊسٽرڪٽ پوليس ڄامشورو ان عزم جو اظهار ڪري ٿي ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ، ڏوهن جي خاتمي ۽ علائقي ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ اهڙا سرچ اينڊ ڪومبنگ آپريشنز ۽ سنيپ چيڪنگ جو سلسلو بنا رڪاوٽ جاري رکيو ويندو.

بقايا 11 | ڪميٽي جو اجلاس

لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران صحت کاتي جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر بابر پاران تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وئي جنهن ۾ پوليو مهم جي حوالي سان تفصيل ۽ ايندڙ مهم جا هدف پيش ڪيا ويا. ڊاڪٽر بابر اجلاس کي آگاهه ڪيو ته موجوده مهم ۾ نين لوڪل گورنمينٽ يونين ڪائون ڪميٽيز ۽ ميونسپل ڪميٽيز تحت ٽيمون مقرر ڪيون وينديون جڏهن ته مهم جو مجموعي هدف 181247 هوندو جنهن ۾ 3 تعلقه سپروائيزر 38 UCMOs ۽ 590 ٽيمون مقرر ڪيون ويون آهن هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ فيلڊ سطح تي سخت نگراني ڪئي ويندي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪرڻو پوندو ۽ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي هن هدايت ڪئي ته حساس علائقن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ سيڪيورٽي سميت سمورن انتظامن کي بهتر بڻايو وڃي ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته عوامي آگاهي مهم کي تيز ڪيو وڃي ۽ فيلڊ اسٽاف جي ڪارڪردگي جي باقاعده مانيٽرنگ ڪئي وڃي ته جيئن پوليو فري مٽياري جو هدف حاصل ڪري سگهجي.

بقايا 12 | جعفري گذاري ويو

مٽياري مخدوم فخر الزمان - جونيئر مخدوم شفيق الزمان - مخدوم سهيل الزمان - مخدوم عمار حيدر - چيئرمين هالا ميونسپل ڪميٽي زوار گل محمد پنهور - چيئرمين نيوسعيدآباد ڪائون ڪميٽي رئيس سرفراز راهو - ڊپٽي ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ نورالدين سنائي - رئيس نورل خان نظاماڻي - عامر بهزاد ميمڻ - منير احمد ارباب - سيٺ رفيق ٽوڪل - سيٺ غلام حسين گلاٽي - امجد بلوچ - صحافي رستم سمون - نذير مگريو - امداد چانڊيو - رئيس مسعود مهدي - رجب بوزدار - قاسم پلال - رحمان ڪشميري - غفور ممڻ - ۽ سياسي سماجي شخصيتن سميت زندگيءَ جي هر مڪتب فڪر سان لاڳاپيل فردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي - مرحوم فقير حسين علي جعفريءَ جو تڏو هالا جي العباس (برادي) امام بارگاهه ۾ وڇايو ويو آهي جتي سنڌس پائيلين مير مسرت جعفري - مبشر جعفري - ارشد جعفري - نورالدين ملاح - ۽ ٻين عزيزن سان هٿ فاتحا جاري آهي -

بقايا 13 | ڊپٽي ڪمشنر

ورتو ويو ڊپٽي ڪمشنر بدين ڊي ايڇ او کان ان حوالي سان سخت پڇاڻو ڪندي هدايت ڪئي ته لاڳاپيل ڊاڪٽرن کان ايڪسپلينيشن (وضاحت) وٺي فوري طور ڊپٽي ڪمشنر آفيس بدين کي پيش ڪئي وڃي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته پوليو کان بچاءُ جي مهم قومي ذميواري آهي، جنهن ۾ هر شهري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا هر بار لاءِ لازمي آهن ۽ والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن کي ان موذي مرض کان محفوظ رکڻ لاءِ پوليو ٽيمن سان تعاون ڪن هن گڏجاڻي ۾ صحت، تعليم، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايتون ڏنيون ويون ته هو مهم دوران مڪمل سهڪار ڪن ۽ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ موثر قدم کڻن ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ هدايت ڪئي ته مهم دوران ٽيمون هر ڳوٺ ۽ علائقي تائين پهچڻ لاءِ بهتر رٿابندي ڪن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته ڪو به ٻار پوليو ڦڙا پيئڻ کان محروم نه رهي گڏجاڻي ۾ علائقي جي پوليو مهم لاءِ ضروري قدم چيلينجن ۽ انهن جي حل بابت به تفصيل سان غور ڪيو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر عوام کي پڻ اپيل ڪئي ته هو پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ پنهنجو مڪمل سهڪار ڪن ۽ پنهنجي ٻارن کي پوليو جا حفاظتي قطرا ضرور پيارين پوليو جهڙي موذي مرض کان پاڪ پاڪستان جو خواب صرف تڏهن ساڀيان ٿيندو جڏهن هر شهري پنهنجي ذميواري ادا ڪندو ۽ ان مهم ۾ ڀرپور حصو وٺندو گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پوليو مهم دوران پيدائش کان 5 سالن تائين جي 3 لک 91 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويندا هن چيوته 85 يو سي ايم اوز 333 ايريا انچارج، 1446 موبائل ٽيمون، 66 فڪس سائيٽ، 50 ٽرانسٽ پوائنٽ ٽيمون ۽ 84 اي پي آئي سينٽر شامل آهن گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 14 | احتجاج

حسن ملاح اشرف ملاح حبيب الله ملاح شفيع محمد ملاح ياور عباس ملاح ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته هفتو اڳ ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو ۾ قيدي علي بخش ملاح کي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي قتل ڪيو ويو ۽ پنهنجي مرضي جي جيل انتظاميه پوسٽ مارٽم رپورٽ تيار ڪري رهي آهي جنهن کي هر فورم تي چئلينج ڪيو ويندو هنن چيو ته جيلن ۾ قيدي جتي محفوظ نه هجڻ ۽ ملوث اهلڪارن خلاف احتجاج ڪرڻ تي فوتي قيدي جي بيواهه سميت ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻايو وڃي اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن کان توقع رکجي. هنن جيلن واري صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کان پرزور مطالبو ڪندي چيو آهي ته فوري نوٽيس وٺي قيدي علي بخش ملاح جي قتل معاملي جي شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ ڪيس تشدد ڪري قتل ڪندڙ اهلڪارن ۽ جيل انتظاميه کي فوري طور معطل ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو پوري سنڌ تائين وڌايو ويندو

بقايا 15 | احتجاجي ڌرڻو

اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته تعلقي تلهار ۾ منشيات جو واهپو عام جام آهي جنهن سبب نوجوانن ۾ منشيات جو واهپو وڌي ويو آهي موٽر سائيڪل چوريون به عام آهن امن و امان جي صورتحال بهتر نه هجڻ سبب احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون تازو بااثر زميندار سرفراز نظاماڻي جي فائرنگ ۾ ڪيلاش ڪولهي قتل ٿي ويو آهي جيڪو گرفتار ناهي ٿي سگهيو آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد کان مطالبو ٿا ڪريون امن و امان جي صورتحال کي بهتر بڻائي منشيات فروشن ڌوهارين خلاف ڪاروائيون تيز ڪري امن و امان کي بحال ڪيو وڃي بي صورت ۾ سڄي ضلعي ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين

بقايا 16 | محروم

خان جي ٽريزري آفيس ۾ سندن جوائننگ ڊيٽا بيس جا آشو ڄاڻائي پگهارن کي روڪيو ويو آهي جنهن جي ڪري گذريل 11 مهينن کان پنهنجي ڊيوٽي جا فرائض انجام ڏيڻ باوجود ڪين پگهارن کان محروم رکيو ويو آهي جنهن بابت آئي بي اي ٽيسٽ پاس استادن جو چوڻ آهي ته اسان سان تمام وڏي ناانصافي ٿي رهي آهي جنهن ۾ ٽريزري آفيس ٽنڊو محمد خان جي اندر سرعام رشوت طلب ڪئي وڃي پئي جنهن جو ڪو به نوٽيس نه ورتو وڃي پيو ، نه وري پگهارن جي ادائيگي گذريل 11 مهينن کان اجان تائين نه ڪئي وئي آهي جنهن سبب اسان کي پنهنجي ڊيوٽي ڪرڻ دوران تمام گهڻيون مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن جنهن جو تعليم کاتي جي صوبائي وزير ۽ اعليٰ اختيارين کي نوٽيس وٺڻ گهرجي ، ٽنڊو محمد خان جي ڪرپٽ راشي ٽريزري آفيسرن جي خلاف ڪاروائي ڪرڻ گهرجي ، بي صورت ۾ اسان احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي وينداسين.

بقايا 17 | خوف، احتجاج

دوڪاندار ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو زخمي دوڪاندار کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ٽنڊو طبي امداد بعد زخمي کي سيوهڻ اسپتال ريفر ڪيو ويو گذريل شام کان ملاح برادري وقفي وقفي بعد فائرنگ جو سلسلو هلندڙ آهي، جنهن سبب شهر ۾ خوف واري فضا قائم آهي هوڏانهن دوڪاندارن عرفان شاهه عبدالجبار انصاري، اقبال قريشي نظير سهاڳ، صديق ٻهن غلام نبي لغاري ۽ ٻين انجمن تاجران ضلع دادو پاران فائرنگ عمل خلاف شهر مان احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب آڏو پوليس ۽ فائرنگ ڪندڙن خلاف سخت نعري بازي ڪئي. تاجر اڳواڻن چيو ته ڊسٽرڪٽ سيشن جج دادو ايس ايس پي دادو چونڊيل نمائندا معاملي جو حل ڪڍي شهري دوڪاندارن کي تحفظ ڏنو وڃي فوري طور فائرنگ ڪرڻ وارن کي گرفتار ڪيو وڃي هلندڙ گولين ۾ ڪاروبار ڪيئن ڪيون، ٻئي طرف رند برادري جي ماڻهن لياقت علي علي اڪبر اعجاز حبيب الله اسلم ۽ ٻين دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ايوب ملاح برادري ۽ پوليس خلاف سخت نعري بازي ڪئي هنن چيو ته رند برادري کان ڊي ايس پي سڪي دادو لائسنس وارا هٿيار پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيا آهن ملاح برادري وٽ هٿيار آهن اهي اسان مٿان فائرنگ ڪري رهيا آهن هنن سيشن جج دادو ايس ايس پي دادو کان انصاف جي گهر ڪئي آهي سينٽر دادو اي سيڪشن ٿاڻي لڳ آهي بيٺل پوليس به فائرنگ بعد غائب ٿي وڃي ٿي رند برادري کي ملاح برادري مان خطرو آهي پوليس تحرڪ وٺي شهرين کي تحفظ فراهم ڪري بي صورت ۾ واپاري روڊن تي هوندا.

بقايا 18 | فروغ لاءِ ريلي

سومرو شاهنواز مرهيٽي ڊاڪٽر سريش آنند پورجواڻي، غلام رسول ملڪ گهنشام داس گيهاڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ضلعو تعليمي لحاظ سان پوري ملڪ اندر پوئتي پيل ضلعو آهي جتي تعليمي سهولتن جي کوٽ ۽ اسڪولن ۾ سهولتن جو فقدان آهي ڪنڌڪوٽ شهر سميت مختلف شهرن ۾ قائم اسڪولن ۾ فرنيچر واشروم ڪلاس روم پکن سميت صفائي ستراءِ جو وڏو بحران آهي جنهن ڪري اسڪول ۾ ايندڙ اسڪولي ٻارڙن کي شديد پريشاني سان گذارڻو پئي ٿو جڏهن ته ٻهراڙي ۾ قائم اسڪول جتي نه شاگرد آهن ۽ نه ئي استاد مقرر ٿيل آهن جيڪي وڏيرن ۽ چڱن مڙسن جون اوطاقون بڻيل آهن جنهن ڪري ٻهراڙي ۾ رهندڙ مستقبل جا معمار علم جي روشني کان محروم بڻجي رهيا آهن جيڪي اڳتي هلي ناسور بڻيل قبائلي جهيڙن ۽ فرسوده ريتن رسمن ۾ جڪڙجي وڃن ٿا جنهن ڪري اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته تعليم کي اسڪولن کي ٽالا نه ڪين سنڌ سرڪار وزير تعليم ۽ ضلعي انتظاميا کي گهرجي ته اسڪولي سهولتن ۽ تعليمي سهولتون پهچائڻ لاءِ فوري طور اپاءُ ورتا وڃن جيئن پوئتي پيل هن علائقي واسي تعليم جي ميدان ۾ اڳيرا ٿئي پنهنجي علائقي ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهن علم جي روشني حاصل ڪري جهالت جي ماحول مان نڪري ترقي يافتا دؤر ۾ شامل ٿي سگهن.

بقايا 19 | انصاف جو مطالبو

ملاح الزام هڻندي چيو ته پوليس اهلڪار منٺار ڪيريو دوستي نه رکڻ تان سندن گهر جو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي هن جو چوڻ هو ته پوليس اهلڪار منٺار ڪيريو دوستي رکڻ لاءِ چيو ۽ حيدرآباد ۾ گهر وٺي ڏيڻ جون لالچون ڏنيون مون انڪار ڪيو جنهن بعد اسان جي گهر جو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي. مسمات گل جان ملاح آئي جي سنڌ پوليس، ڊي آئي جي حيدرآباد ريجن، ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪندي چيو ته پوليس اهلڪار منٺار ڪيريو خلاف ڪاروائي ڪري رستو کولرائي ڏنو وڃي.

بقايا 20 | بري ڪري ڇڏيو

اهلڪارن کي سزا ٻڌائي ڇڏي، فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج ماڊل ڪرمنل ٽرائيل ڪورٽ جي جج حسن علي ڪلوڙ جي عدالت سزا جو فيصلو ٻڌايو آهي دادو جي اڳوڻي انسپيڪٽر نورمصطفيٰ پٺاڻ سميت 9 پوليس اهلڪارن کي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزا ٻڌائي وئي انسپيڪٽر نور مصطفيٰ پٺاڻ کي 7 سال قيد ۽ 10 لک روپيا ڏنڊ جڏهن ته اي ايس آءِ غلام قادر گوپانگ، نظير پنهور دوست علي، عبدالستار غلام مصطفيٰ الهبجايو عمران علي ۽ ٻين کي 7 سال قيد ۽ هڪ لک روپيا جرمانو جي سزا ٻڌائي آهي. پوليس جي جوابدارن محمد جبران ڏانيال کي ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ قتل ڪيو ويو هو ۽ لاش ايڌي سينٽر دادو حوالي ڪيو ويو ان وقت ايس ايس پي دادو عرفان سمون هو ايڌي وارن لاوارث قرار ڏئي ڪفن ڏئي لاش دفن ڪري ڇڏيو هو عدالتي حڪم تي قبر ڪشائي بعد لاش سنڌس ماءُ ۽ ٻين حوالي ڪيو ويو جيڪي ايمبولنس ذريعي پنجاب کڻي ويون هيون پوليس جي جوابدارن مٿان بي سيڪشن ٿاڻي دادو تي ڏوهه نمبر 2022/97 فوتي جي امڙ ممتاز بيگم ڏانيال جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو پوليس اهلڪار ڪوڙو پوليس مقابلو ڏيکاري سنڌس نوجوان پٽ کي قتل ڪيو هو اهڙي عدالتي فيصلي بعد سڀئي جوابدار ڪورٽ مان فرار ٿي ويا.

بقايا 21 | مظاهرو ڌرڻو

غلام عباس جتوئي جي ڌرين ۾ سال 2016ع کان خوني تڪرار هلندڙ آهي جنهن تڪرار سان اسان جو ڪو به واسطو ناهي هن چيو ته گذريل آچر ڏينهن ڄاڻايل ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران منهنجي ڀاءُ عبدالغفار ۽ سئوٽ محمد عيسيٰ وچ ۾ پئي ڌرين کي ڄاڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ته عبدالحميد جتوئي انهن کي گندا لفظ ڳالهائي سندن مٿان سڌي فائرنگ ڪري ڏني جنهن ۾ گولين لڳڻ سبب اسان جو ڀاءُ عبدالغفار جتوئي قتل ۽ سئوٽ محمد عيسيٰ زخمي ٿي پيو جنهن واقعي جو ڪيس چاچي عبدالستار جتوئي جي فرياد تي جوابدارن عبدالمجيد، عبدالحميد، عباس اسماعيل خليل ۽ يوسف جتوئي خلاف داخل ڪرايو ۽ 5 ڏينهن گذرڻ جي باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي هنن الزام لڳايو ته ايس ايڇ او پير شير ايٽ عاقل محمد الياس سومرو جوابدار ڌر جي وانگار رهندي ڪاروائي لاءِ تيار ناهي جڏهن ته جوابدار 4 کان وڌيڪ خونن جي ڪيسن ۾ ملوث آهن جيڪي اسان کي قتل ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جن مان اسان جي به حياتين کي خطرو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي ته ڀاءُ جي قتل ڪيس ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي بي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 22 | ڏهاڙو ڀرپور نموني

موقعي تي اسڪول جي هيڊ ماستر نورالدين خاصخيلي تعليم جي حوالي سان اهو پيغام ڏنو ته استاد توڙي شاگرد هر ايندڙ ڏينهن کي تعليم جو ڏينهن ڪري ملهائينداسين تڏهن ئي اسان پنهنجي منزل ماڻي سگهنداسين تعليم سان ئي ترقي ممڪن آهي علم روشني آهي علم سوجهرو آهي اڄ اسين سڀ پنهنجي اسڪول گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ملڪ صفر خان ٿاٿو بولا خان ۾ اسان استاد توڙي شاگردن تعليمي سرگرمين جي ذريعي اڄوڪي ڏينهن کي ڀرپور نموني ملهائينداسين اڄوڪي تعليمي ڏهاڙي جي حوالي سان مستقبل جي معمارن جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هو هيڊ ماستر نورالدين خاصخيلي تعليم جي باري ۾ وڌيڪ مستقبل جي معمارن کي ڄاڻ ڏني ته تعليم جي ذريعي ئي ترقي ممڪن آهي علم ۾ ئي اسان جو ڀلو آهي تعليم جي ذريعي ئي اسان ۾ علم عقل ۽ شعور اچي ٿو اسان کي گهرجي ته علم پرائي پنهنجي ديس جي خدمت ڪيون جڏهن ته شاگردن ۾ رضوان پالاري، حڪيم پالاري، بخش علي پالاري، انيس خاصخيلي، محمد سڄڻ خاصخيلي غلام مصطفيٰ پالاري، اختيار خاصخيلي رحمت الله چنو شاگردياڻين ۾ زاحيلا عائيشه رابعه نبيه سجيلا سوهاڻ وريشه ۽ ٻين تعليم تي مختصر تقريرون ڪيون ۽ تعليمي بيت ۽ گيت پڙهيا.

بقايا 23 | تحفظ جو مطالبو

جا انتهائي سنگين الزام هنيا آهن محمد بشير ٻڌايو ته هن سن 1990ع ۾ مرحوم محمد ايوب سان گڏ "سوني ڌرتي زرعي شاپ" جي نالي سان گڏيل ڪاروبار شروع ڪيو جتي زرعي اناج، ٻج، ڀاڻ ۽ زرعي دوائن جي خريد ۽ فروخت ڪئي ويندي هئي سن 1991ع ۾ محمد ايوب جي معذوري ڪانپوءِ سنڌس پٽ اشفاق احمد دڪان، بئنڪ اڪائونٽن ۽ سمورن مالي معاملن جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو هن چيو ته ڪاروبار ترقي ڪئي ۽ آمدني مان ٽريڪٽر زرعي اوزار ۽ مقاڍه ۾ زرعي زمين خريد ڪئي وئي. سن 1999ع تائين حساب موجب لکين رپيا نقد، ٻي ٽريڪٽر ۽ ٻيا زرعي اوزار موجود هئا، پر ان ڪانپوءِ بنا اطلاع ۽ اعتماد ۾ وٺڻ جي مبينا طور سودي ڪاروبار شروع ڪيو ويو ان دوران گهوٽڪي ۽ ٻين علائقن ۾ دڪان، مڪان، گودام ۽ پلاٽ ٺهرايا ويا، جڏهن ته سودي ڏيتي ليتي سبب ڪروڙين رپين جو قرض وڌي ويو جنهن بابت مون کي مڪمل طور لاعلم رکيو ويو محمد بشير الزام هنيو ته قرض جي دٻاءَ هيٺ سن 2021ع ۾ سنڌس نابالغ پٽ جي نالي تي بئنڪ اڪائونٽ کولرايو ويو ۽ چيڪن تي صحيحون ورتيون ويون جنهن جو ڪيس ان وقت علم ٿيو جڏهن چيڪ باؤنس ٿيڻ بعد سنڌس خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته اختلاف پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ هن سمورو حساب ڪتاب جو رڪارڊ، چيڪ بڪ ۽ گڏيل اثاثا، جن ۾ ٽريڪٽر زرعي اوزار رهائشي پلاٽ ۽ زرعي زمين جي فصل شامل آهي جن جي ماليت ٻن ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ٻڌائي وڃي ٿي پنهنجي قبضي ۾ وٺي ورتا سن 2023ع ۾ دڪان بند ڪري ڪيس ۽ سنڌس پٽ کي بنا ڪنهن حساب ڪتاب جي بي دخل ڪيو ويو متاثر شخص موجب جڏهن هن پنهنجي حصي جو حساب ۽ فيصلو گهريو ته ڪيس ۽ سنڌس ٻارن کي اغوا ۽ قتل جون مبينا ڌمڪيون ڏنيون ويون، گالم گلوچ ڪئي وئي ۽ مختلف ماڻهن ذريعي سنڌس خلاف ڪوڙا ايف آءِ آرز به داخل ڪرايون ويون هن چيو ته علائقي جي معززين ۽ سردارن وٽ به انصاف لاءِ ويو پر ڪا به شنوائي نه ٿي آخر ۾ محمد بشير وزيراعظم پاڪستان، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ انساني حقن جي ادارن کان اپيل ڪئي ته ڪيس ۽ سنڌس ٻارن کي جان جو شديد خطرو آهي ڪين فوري تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ سنڌس سان ٿيل ڪروڙين رپين جي مالي نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي.

بقايا 24 | مظاهرو

صورت ۾ بجلي ڪاٽي ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن چيو ته مان انتهائي غريب ۽ مسڪين پورهيو ڪري مشڪل سان گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان ايتري سگهه ناهي جو هزارين روپيه واڌو بل ڀري سگهان جيڪا وڏي ناجائزي آهي منهنجي سيپڪو چيف سميت ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته واڌو بل موڪلڻ جو سلسلو بند ڪري بل ۾ درستگي ڪري انصاف ڪيو وڃي بي صورت مان انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي ويندس جنهن جي ذميواري سيپڪو آفيسرن مٿان هوندي.

بقايا 25 | احتجاجي مظاهرو

شهري جڏهن مجبوري هيٺ پنهنجو پلاٽ يا گهر وڪرو ڪري ٿو ته سرڪاري داخله فيس جيڪا صرف هڪ هزار کان پندرهن سئو رپيا ٿئي ٿي اها ڏيڻ باوجود روينيو آفيس جو عملو نائب قاصد کان وٺي تپيدار تائين 25 هزار کان 30 هزار رپيا رشوت طلب ڪري ٿو هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن رشوت نه ڏني وڃي ته جائز ڪم لاءِ به آفيس جا بار بار چڪر ڪرايا وڃن ٿا. هاشم قمبراڻي صوبائي وزير مير طارق علي ٽالپور سميت لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مختيارڪار آفيس ۾ مقرر رشوت خور عملي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، سائلين کي رليف فراهم ڪيو وڃي ۽ بدعنوان عملي کي هٽائي ايماندار عملي جي مقرري عمل ۾ آندي وڃي.

بقايا 26 | ڪلارڪ گرفتار

پروموشن حاصل ڪرڻ جي الزام ۾ سرفراز ميمڻ،سڪندر جوڻيجو ۽ مينهون سولنگي معان اينٽي ڪرپشن پوليس ڪيس داخل ڪري ڇڏيو . ڇاپي دؤران 2 ملازم فرار جڏهن ته هڪ ڄڻو سرفراز ميمڻ کي گرفتار ڪيو ويو.

بقايا 27 | پروگرام ٿي گذريو

ماهرن پاران ٿيليسميا جي سڃاڻپ، ان جي خطرناڪ اثرن بچاءُ جا طريقا ۽ شادي کان اڳ ٿيندڙ بلڊ ٽيسٽ جي اهميت بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي. ان موقعي تي نواب شاهه ٿيليسميا ڪيئر سينٽر جي ڪيمر عائشه بروهي، آغا راشد، مجاهد علي، عزيزالله، شاهد علي ۽ نرما شرڪت ڪئي جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو ميڊم نورالهديٰ، پرنسپال ڊگري ڪاليج سيد نثار علي شاهه، حاجي عبدالرزاق گهانگهرو سميت ڪاليج جي ليڪچرارن، پروفيسرن، شاگردن، شاگردياڻين، والدين، استادن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام دوران اسڪريننگ ٽيسٽ پڻ ڪئي وئي، جتي رت جا نمونا وٺي ٿيليسميا جي بيماري جي ٽيسٽ ڪئي وئي. آگاهي سيشن دوران ماهرن سيشن دوران آگاهي ڏيندي چيو ته جيڪڏهن نوجوان نسل شادي کان اڳ رت جي چڪاس ڪرائي، ته ٿيليسميا جي ايندڙ نسل تائين منتقل ٿيڻ کان بچي سگهون ٿا. آگاهي ڏيندي ماهر ڊاڪٽرن چيو ته ٿيليسميا هڪ خطرناڪ ۽ لاعلاج بيماري آهي جيڪا والدين مان اولاد ۾ منتقل ٿئي ٿي پر جيڪڏهن شادي کان اڳ رت جي سادي ٽيسٽ ڪرائي وڃي ته ان جي واڌ کي روڪي سگهجي ٿو. هنن وڌيڪ چيو ته نوجوان نسل کي گهرجي ته هو شعور حاصل ڪن ۽ شادي کان اڳ لازمي طور تي بلڊ اسڪريننگ ڪرائن ته جيئن ايندڙ نسلن کي محفوظ بڻائي سگهجي.

بقايا 28 | وارثن جو احتجاج

نوابشاهه جي علائقي غلام حيدر شاهه ڪالوني جا رهواسي پينو فقيرن پاران 3 لاپتا نينگرين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو انهي موقعي تي مظاهرين عورتن سرينا، نصيبه ۽ چندو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جون ٽي معصوم نينگريون 12 ورهين جي پلوي، 8 ورهين جي پائل ۽ 6 ورهين جي ديپالي اڱاري واري ڏينهن لياقت مارڪيٽ ۾ پنڻ لاءِ ويون هيون جيڪي اڃا تائين گهر واپس نه پهتيون آهن هنن ٻڌايو ته واقعي بابت اي سيڪشن ٿاڻي تي اطلاع ڏنو ويو پر پوليس ٻارن کي ڳولڻ بدران ٽال مٽول ڪرڻ ۾ لڳل آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته شهر سميت شهيد بينظير آباد جي مختلف فقيرن جي ڳرپن کان پڇا ڪئي وئي پر ڪٿي به سندن نينگريون نه مليون آهن مظاهرين چيو ته اسان سڄو ڏينهن پني گهري پيٽ گذر ڪيون ٿا اهڙي حالت ۾ معصوم نينگرين جو لاپتا ٿيڻ اسان لاءِ وڏو الميو آهي هنن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کان پرزور مطالبو ڪيو ته معصوم نينگرين کي ترت بازياب ڪرايو وڃي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي، بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 29 | ڪوڙلون ڪٽي ويا

پهچي چوري واقعي بابت تفصيل ورتا جڏهن ته سيپڪو آفيس سان ٽرانسفارمر چوري معاملي جي خانپورمهر ٿاڻي تي رپورٽ پڻ داخل ڪئي وئي آهي جنهن بعد پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ڪا به گرفتاري عمل نه اچي سگهي آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته چوري ٿيل بجلي ٽرانسفارمر سيپڪو عملدارن پاران مختلف علائقن مان بجلي بل بقاياجات جي ڪري لاهي آفيس ۾ جمع ڪيا هئا واضح رهي ته ان کان اڳ به سيپڪو آفيس مان ٽرانسفارمر چوري ٿيڻ جون وارداتون ٿي چڪيون آهن. ٿيل وارداتن بابت به ڪا آڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي خانپورمهر پوليس موجب سيپڪو عملدارن جي اطلاع تي سيپڪو آفيس پهچي چوري واقعي جا تفصيل ورتا وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 30 | ڪيس داخل

2 جوابدار فرار ٿي ويا ايس ايڇ سانجهند پوليس شهزاد قاضي موجب جوابدار چالاڪي سان ڪار کي ڪنهن وڪيل جي نالي پليٽ هڻي فرار ٿي رهيا هئا ته سخت جدوجهد کان پوءِ ڪار کي هٿ ڪري جوابدارن تي سرڪاري مدعيت ۾ قانوني ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 31 | والد جو احتجاج

ٿيو آهي ته ان وقت جي ايس ايڇ او امين جوڻيجو کي نوجوان جي موبائل ۽ سمن بابت سموري معلومات ملي هئي،جنهن اسان جي ويجهي سائٽ سان اهڙي ڳالهه جي تصديق پڻ ڪئي هئي ته سونڪي نوجوان جي موبائل ۾ استعمال ٿيل سمن جو پتو پئجي ويو آهي پر اها ڳالهه منظر عام تي آڻڻ بجاءِ لڪائي وئي آهي ڪا آڳڀرائي ناهي ٿي هن چيو ان ۾ آئون ٽنڊو باگو پوليس کي به ذميوار سمجهان ٿو ٽنڊو باگو پوليس جي لاپرواهي جي ڪري مون سان ظلم ٿيو آهي ٽنڊو باگو جي ان وقت جي ايس ايڇ او امتياز ٿيٻو نوجوان جي ڳولا نه ڪئي جنهن جي ڪري اسان کي لاش مليس ايس ايس پي بدين ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪري قاتلن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي

بقايا 32 | ٻيلو ڪاٽو نند سنٽل

ڪرڻ ۽ ٻيلن جي بقاءَ لاءِ سنڌ سرڪار جون سموريون دعوائون اٿيوريون، رپورٽ موجب سڄاول ضلعي جي ٻنون فاريسٽ رينج سميت ٻين مختلف ٻيلن مان روزانو لکين روپين جي عمارتي ڪاٺ جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ تيزي اچي وئي آهي ٻيلي کاتي جي عملي جي مبينا مدد سان مختلف علائقن ۾ بااثر ڌريون ڏينهن ڏٺي قيمتي وڻ ڪٽي رهيون آهن ذريعن موجب ڪاٺ وينڊڙ مافيا کي مبينا طور مقامي انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتي جي چشم پوشي حاصل آهي ٻنون جي جراڙ ٻيلي مان روزانو 5 کان 10 ٽريڪٽر ٽرالا، ٽرڪون ۽ چنگچي لوڊر گاڏيون عمارتي ڪاٺ سان ڀرجي وڪري لاءِ ڪاٺ ڏکن تي پهچن ٿيون. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته ٻيلن جي بي دريغ ڪٽائي سبب نه رڳو ماحوليات کي شديد نقصان پهچي رهيو آهي پر جهنگلي جيوت پڻ سخت خطري ۾ اچي وئي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته وڻن جي ڪٽائي سبب موسمي تبديليون وڌي رهيون آهن، زميني ڪٽاءُ، گرمي ۽ آلودگي ۾ پڻ واڌ ٿي رهي آهي. ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته غيرقانوني طور ڪٽيل وڻ ٽرڪن ۽ ٽريڪٽرن ذريعي ٻين ضلعن ڏانهن منتقل ڪيا پيا وڃن پر ان باوجود ٻيلي کاتي طرفان ڪا به موثر ڪارروائي نظر نٿي اچي، عوامي حلقن مطالبو ڪيو آهي ته وڻن جي غيرقانوني ڪٽائي ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ذميوار آفيسرن کان جواب طلب ڪري وڻن جي نسل ڪشي بند ڪرائي وڃي.

بقايا 33 | حالت ۾ گرفتار

علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب ڌوهارين خلاف ڪارروايون بنا ڪنهن وقفي جي جاري رکيون وينديون .

بقايا 34 | زين شاهه

تي ملڪ ۾ شٽرڊائون ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال

ڪٽي ويندي هنگورجا ۾ ايس يو جي اڳواڻ فتح علي خاصخيلي سان سنڌس جي وڏي ڀاءُ گسٽا سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي صدر الهرکيو خاصخيلي جي وفات تي تعزيت ڪرڻ بعد دايا هائوس تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو آهي ته سنڌ جي معيشت کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي جيڪڏهن هن ڀيري ڪمند جو اگهه آبادگارن کي نه مليو ته آبادگار وڌيڪ تباهه ٿي ويندو هن وڌيڪ چيو ته ڪي پي ڪي جي وزير اعلي جي سنڌ ۾ آمد تي سنڌ حڪومت جو پروٽوڪول ڏيڻ واري ڳالهه ڊرامو آهي چوٽ هڪ پاسي پروٽوڪول جي ڳالهه ڪن ٿا ته ٻي پاسي وري واپارين کي ڌمڪائين ٿا

بقايا 35 | ڪيس داخل

جي مدد سان سوڳهو ڪري ليڊيز پوليس حوالي ڪيل 4 ڦورو عورتن جي گرفتاري بعد پوليس سنڌن نشاندهي تي وڌيڪ 4 ڦورو عورتن سميت 8 ڦورو عورتن جي گرفتاري ظاهر ڪري ڇڏي آهي ، ٽنڊو محمد خان جي رومين ٿاڻي تي فريادي عارف راجپوت ۽ سعيد راجپوت جي ڪيل فرياد تي پوليس 8 ڦورو عورتن شماڪلا اعواڻ ، عاليه اعواڻ ، مسمات نگران ، روشني اعواڻ ، موسل اعواڻ ، ڪشمالا اعواڻ ، سلما اعواڻ ، روبينه ملاح جي گرفتاري ظاهر ڪري سنڌن خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري ورتا آهن ، رومين ٿاڻي جي انچارج ميڊم نوشابه جو چوڻ آهي ته انور ڪالوني مان ڏينهن ڏٺي 6 عورتن گهرن مان ڦرجي واردات ڪئي هئي جنهن مان 4 عورتن گرفتار ڪانيون وڌيڪ 4 عورتون گرفتار ڪري رمانڊ لاءِ عدالت ۾ پيش ڪيون ويون ، جنهن ۾ عدالتي حڪم تي گرفتار ڪيل ڦورو عورتن کي سينٽرل جيل حيدرآباد موڪليو ويو آهي ، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان حسيب جاويد سومار ميمڻ دعوي ڪئي آهي ته ٽنڊو محمد خان ۾ گهرن مان ڦرن جي وارداتن ۾ 8 عورتن جي گرفتاري ڪانپو پوليس کي وڌيڪ گرفتارين لاءِ جانچ ڪميٽي تشڪيل ڏيڻ جا احڪامات جاري ڪيا ويا آهن ته جيئن علائقي ۾ بدامني کي روڪي سگهجي.

بقايا 36 | دعوي

ڪئي وئي آهي، ايس ايس پي موجب چوڪي انچارج ڊيپارچ پاران گشت دوران غير قانوني اسلحو رکندڙ ڌهاري حميد الله بڙدي کي گرفتار ڪيويس جنهن کان 01 پسٽل ۽ گوليون برآمد ڪيون ويون جڏهن ته ٻي ڪاروائي ۾ چوڪي انچارج ڊيپارچ چوري ٿيل 30,000 روپيا برآمد ڪري اصل مالڪ محمد اقبال جي حوالي ڪيا جڏهن ته ٻي ڪاروائي ٽنڊو مستي پوليس گشت دوران خفيہ اطلاع تي دعا چوڪ وٽ لکهي سروٽ هوٽل تي ڪاروائي ڪري منشيات سپلائر گل سروٽ پٺاڻ کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 1270 گرام چرس برآمد ٿي جڏهن ته ٻئي ڪاروائي ۾ ٽنڊو مستي پوليس لاڙڪاڻي روڊ تي غير قانوني اسلحو رکڻ وارن اياز حسين اڄڻ کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 01 پسٽل ۽ گوليون برآمد ڪيون ويون جڏهن ته هنگورجه پوليس گشت دوران اشتهاري ڌهاري سڪيهڻ منگنيجو کي گرفتار ڪيو جيڪو مختلف ڪيسن ۾ گهربل هو ٽي ڪاروائي ۾ هنگورجه پوليس جعلي سيمنٽ جي 50 بورين ۽ هڪ ٽرڪ برآمد ڪري، هڪ جوابدارمنٺار ڪيريو کي گرفتار ڪيو ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو طرفان پوليس کي شاباشي جا پيغام موڪليا ويا.

بقايا 37 | افتتاح

احمد اکين جو ڪيمپ آرائين هائوس لقمان ۾ شروع ڪيو ويو آهي ان موقعي تي ڌهيا سوهو آف دهيا، پير عبدالقادر شاهه جيلاني دعا خير سان ڪيمپ جو افتتاح ڪيو.ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ڪيمپ جو دورو ڪيو ۽ مريضن صحافين ۽ شهر جي معزز شخصيتن سان ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه ڪئي، هنن چيو ته هن نفسا نفسي جي دور ۾ ڏکين لاچار ۽ مسڪين ماڻهن جي علاج لاءِ اهڙيون فلاحي خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. آرائين برادري سيلاب ۽ برسات متاثر ماڻهن لاءِ به دل کولي مدد ڪري هڪ رڪارڊ قائم ڪيو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته اکيون الله پاڪ جي وڏي نعمت آهن ۽ انهن جي مهانگي علاج معالجي جي باوجود اهڙا مفت ڪيمپ لڳائڻ نيڪي ۽ ثواب جو ڪم آهي. ڪيمپ ۾ سابق ناظم لقمان حاجي منير احمد آرائين، سردار عبدالمجيد آرائين، حاجي محمد اشرف آرائين، سماجي شخصيت عمر عرفان، فنڪشنل ليگ اڳواڻ ڊاڪٽر پياري خان ٿليوٽو معروف زميندار راجا خان ٿليوٽو پيپلز پارٽي لقمان جو اڳواڻ منظور حسين ڏانوري، معذور اڳواڻ علي عنصر سنڌي ڪائونسلر راجا سليم سکر جا سينيئر صحافي ياسر فاروقي وقاص آرائين سليم رضا آرائين اشرف مغل علي شير سهتو ذوالفقار برڙو اختيار پنهوار اعظم عباسي سميت ٻين سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن ۽ علائقي واسي وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا.

بقايا 38 | نوجوان فوت

ريلوي ڪالوني ۾ گيٽ ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ هڪ نوجوان فوت ٿي ويو ۽ سنڌس لاش ايڌي رضاڪارن سول اسپتال پهچايو ريسڪيو عملدارن چيو ته فوت ٿيل جي سڃاڻپ 22 سالن جي معمر اسلام جي نالي سان ٿي آهي چيو پيو وڃي ته اهو واقعو ريلوي لائين پار ڪرڻ دوران پيش آيو جنهن جي ريلوي پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 39 | عيادت

دوران 5 جوابدار گرفتار هٿيار برآمد ڪيا ويا آهن ۽ مک جوابدار نادر علي جمالي مبينہ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو آهي نادر علي جمالي جي جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن جي تدفين شهيد مخدوم بلاول قبرستان ۾ ڪئي وئي آهي هوڏانهن نادر علي جمالي جي ڀاءُ ۽ پٽن چيو آهي ته نادر علي جمالي کي گرفتار ڪري جڙتو مقابلي ۾ قتل ڪيو ويو آهي هو ڌوهاري نه هو هڪ وڏو زميندار هو اسان مطالبو ڪيون ٿا ته ان جي عدالتي جانچ ڪرائي ملوثن کي سزا ڏني وڃي.

بقايا 40 | قادر مگسي

هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ لاڙ ڊويزن ۾ شامل ضلعن ٺٽو سڄاول بدين ۽ ٽنڊو محمد خان جي ضلعي عهديدارن ۽ سوشل ميڊيا ٽيم جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.اجلاس دوران لاڙ ڊويزن اندر موجود تنظيمي سياسي ۽ عوامي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو جڏهن ته تنظيم کي وڌيڪ مضبوط، فعال ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڪيترائي اهم تنظيمي فيصلا پڻ ڪيا ويا. 14 فيبروري تي "يوم مادر وطن" جي جلسي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مختلف ڪميٽيون جوڙيون ويون ۽ انهن کي ذميواريون سونپيون ويون ته جيئن جلسي کي ڀرپور منظم ۽ عوامي سطح تي ڪامياب بڻائي سگهجي.اجلاس ۾ سوشل ميڊيا ٽيم جي ڪردار تي خاص طور تي غور ويچار ڪيو ويو سوشل ميڊيا کي جديد سياسي جدوجهد جو اهم اوزار قرار ڏيندي، ان کي وڌيڪ سگهارو منظم ۽ موثر بڻائڻ لاءِ مختلف تجويزن تي بحث ڪيو ويو ۽ عملي حڪمت عملي ترتيب ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جي خلاف ٿيندڙ سازشون اڄ جون نه پر انگريزن جي دور کان وٺي جاري آهن هن چيو ته سنڌ هڪ زرخيز مالامال ۽ قدرتي وسيلن سان ڀرپور خطو آهي، جتي دنيا جي هر نعمت موجود آهي پر افسوس جو هن شاهوڪار ڌرتي جا اصل وارث اڄ به هڪ ويلي ماني لاءِ به پريشان آهن سنڌين کان سندن ڌرتي کسڻ لاءِ مختلف سازشون ڪيون پيون وڃن جن کان باخبر ۽ سجاڳ ٿيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ڊاڪٽر قادر مگسي وڌيڪ چيو ته وفاقي پارٽين وٽ سنڌ جي خوشحالي لاءِ ڪو به واضح پروگرام ناهي نه ئي انهن وٽ پورهيت طبقي جي بهتري لاءِ ڪا سنجيده حڪمت عملي موجود آهي هن چيو ته هر وفاقي پارٽي جاگيردارن کي مضبوط ڪيو آهي ۽ انهن کي سنڌ جي اقتدار تي مسلط ڪري پورهيت طبقي جو بدترين استحصال ڪيو آهي جيسيتائين پورهيت طبقو پنهنجي طبقي جي حقيقي نمائندن کي چونڊي اسيمبلين ڏانهن نه موڪليندو تيستائين هي استحصال جاري رهندو هن چيو ته اڄ ڪيو اير هڪ نسل پرست ۽ دهشتگرد ذهنيت رکندڙ گروهه آهي جيڪو ڪڏهن به سنڌ جو خيرخواهه نه رهيو آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو هن چيو ته سنڌ جي سياسي تاريخ جو سنجيده جائزو وٺڻ گهرجي ته ڪهڙا عنصرن سنڌ کي غلامي ۾ ڦاسائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي، ڇو ته تاريخ جي صحيح سمجهه کان سواءِ صحيح سياسي رستو اختيار نٿو ڪري سگهجي پارٽي چيئرمين چيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي واحد حقيقي سنڌي قومپرست جماعت آهي، جيڪا ڪڏهن به ڪنهن وڏيري، جاگيردار يا آمر جي ساٿاري نه رهي آهي ايس ٽي پي خالص پورهيت طبقي جي نمائنده پارٽي آهي جيڪا اقتدار جي ايوانن ۾ پورهيت طبقي جي ٻارن کي ڏسڻ چاهي ٿي هن ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته هو جهرجهنگ ۽ ڳوٺ ڳوٺ وڃي عوام کي سجاڳ ڪن ۽ سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ شامل ڪن ته جيئن سنڌ مان غلامي جا ڪڪر هٽائي پورهيت طبقي جو راڄ قائم ڪري، حقيقي سنڌ جي خواب کي ساڀيان ڏئي سگهجي.اجلاس ۾ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري هوت خان گاڏهي، قادر چنا، ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ، امتياز سمون، حيدر ملاح، گوتم چنا، خدابخش درس، شاهنواز سيال، اقبال حاجاڻو، جلال شاهه، محمد اشرف ٿهيم سميت لاڙ ڊويزن جي ضلع اڳواڻن ۽ سوشل ميڊيا ٽيم جي نمائندن شرڪت ڪئي

ایس بی پی بینکنگ سروسز کارپوریشن

ITB No. GSD(Proc. II)/S&S-HOK/363850/2025

الیکٹرانک پیشکشیں مطلوب ہیں

ایس بی پی بینکنگ سروسز کارپوریشن کو ایسے اہل پیشکش کنندگان سے جو متعلقہ ٹیکس اتھارٹیز کے ساتھ رجسٹرڈ ہوں اور ایف بی آر کی فعال ٹیکس دہندگان کی فہرست میں شامل ہوں، مندرجہ ذیل خدمات کے لیے الیکٹرانک پیشکشیں مطلوب ہیں۔

پیکج نمبر	خریداری/حصول کا عنوان	زرِضمانت (روپے)
پیکج 1	ایس بی پی بی ایس سی، ہیڈ آفس، کراچی کے لیے سیکورٹی اینڈ سرچ سروسز	-/450,000 روپے
پیکج 2	ایس بی پی بی ایس سی نارتھ کلسٹر دفاتر کے لیے سرچ سروسز (راولپنڈی، اسلام آباد، پشاور، ڈی آئی خان، مظفر آباد)	-/45,000 روپے
پیکج 3	ایس بی پی بی ایس سی سینٹرل کلسٹر دفاتر کے لیے سرچ سروسز (لاہور، سیالکوٹ، فیصل آباد، گوجرانوالہ، ملتان، بہاولپور)	-/55,000 روپے
پیکج 4	ایس بی پی بی ایس سی ساؤتھ کلسٹر دفاتر کے لیے سرچ سروسز (کراچی۔ آئی آئی چندریگر روڈ، نارتھ ناظم آباد، حیدر آباد، سکھر، کوئٹہ)	-/45,000 روپے

دلچسپی رکھنے والا پیشکش کنندہ مندرجہ بالا میں سے کسی بھی یا تمام پیکجز کے لیے شرکت کر سکتا ہے۔ مزید برآں ہر پیکج کے لیے جائزے اور کنٹریکٹ دینے کا عمل علیحدہ طور پر انجام دیا جائے گا۔

الیکٹرانک پیشکش کی باضابطہ دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط وضوابط، وضاحتیں اور تقاضے وغیرہ شامل ہیں، EPADS پر رجسٹرڈ پیشکش کنندگان کے لیے (www.eprocure.gov.pk) پر دستیاب ہیں۔

تمام پیکجز کے لیے ایک پری۔ بڈ میٹنگ 16 جنوری 2026 کو صبح 11:00 بجے "زوم میٹنگ ایپلی کیشن" کے ذریعے منعقد کی جائے گی۔ میٹنگ آئی ڈی اور پاس ورڈ پیشکش کی دستاویزات میں دیئے گئے ہیں۔ خواہشمند ادارے ای میل کے ذریعے gsd.proc2@sbp.org.pk پر درخواست دے کر بھی میٹنگ آئی ڈی اور پاس کوڈ حاصل کر سکتے ہیں۔

الیکٹرانک پیشکشیں، جو پیشکش کی دستاویزات میں فراہم کردہ ہدایات کے مطابق تیار کی گئی ہوں، E-PADS کے ذریعے ذیل میں دی گئی مقررہ آخری تاریخ پر یا اس سے پہلے جمع کرانی ہوں گی۔

پیکج نمبر	کا عنوان پیکج	پیشکش جمع کرانے کی آخری تاریخ	پیشکشیں کھولنے کا شیڈول
پیکج 1	ایس بی پی بی ایس سی، ہیڈ آفس، کراچی کے لیے سیکورٹی اینڈ سرچ سروسز	26 جنوری 2026 صبح 11:00 بجے	26 جنوری 2026 صبح 11:30 بجے
پیکج 2	ایس بی پی بی ایس سی نارتھ کلسٹر دفاتر کے لیے سرچ سروسز	26 جنوری 2026 صبح 11:00 بجے	26 جنوری 2026 صبح 11:40 بجے
پیکج 3	ایس بی پی بی ایس سی سینٹرل کلسٹر دفاتر کے لیے سرچ سروسز	26 جنوری 2026 صبح 11:00 بجے	26 جنوری 2026 صبح 11:50 بجے
پیکج 4	ایس بی پی بی ایس سی ساؤتھ کلسٹر دفاتر کے لیے سرچ سروسز	26 جنوری 2026 صبح 11:00 بجے	26 جنوری 2026 دوپہر 12:00 بجے

جمع کرائی گئی تمام پیشکشیں مندرجہ بالا شیڈول کے مطابق ان کمپنیوں کے نمائندوں کے سامنے کھولی جائیں گی، جو اس موقع پر موجود ہونا چاہیں گے۔ دستی پیشکشیں قبول نہیں کی جائیں گی۔

ہر پیکج کے لیے محولہ بالا زرِضمانت بطور بڈ سیکورٹی، ٹیکنیکل پیشکش کے ساتھ ایس بی پی بی ایس سی کے حق میں پے آرڈر/ڈیمانڈ ڈرافٹ/ڈپازٹ ایٹ کال یا بینک گارنٹی کی شکل میں جمع کرانا ہوگا۔ بینک گارنٹی کی صورت میں اسے پیشکش کی ویلیڈیٹی کی تاریخ سے 28 دن تک کے لیے موثر ہونا چاہیے۔ بڈ سیکورٹی کی اسکین شدہ کاپی E-PADS کے ذریعے جمع کرانی ہوگی، اصل بڈ سیکورٹی مندرجہ ذیل پتے پر بھیجی جائے گی، جو پیشکشیں جمع کرانے کی آخری تاریخ سے پہلے پہنچ جانی چاہیے۔ پیشکشیں جمع کرانے کی آخری تاریخ سے پہلے اصل بڈ سیکورٹی کی عدم وصولی، پیشکش کے مسترد ہونے کا باعث بنے گی۔

جوائنٹ ڈائریکٹر

پروکیورمنٹ ڈویژن II، جنرل سروسز ڈیپارٹمنٹ، تیسری منزل، بی ایس سی ہاؤس، اسٹیٹ بینک آف پاکستان، آئی آئی چندریگر روڈ، کراچی۔

ٹیلیفون: 021-3311-5306/8305 ای میل: gsd.proc2@sbp.org.pk

PID (K-2347/25)

ڪوٽڙي ۾ ٽينڪر مافيا جي زيادتين خلاف رهواسين جو مظاهرو، ٽائر ساڙي ڌرڻو

ڪراچي واهه جي سالياني وارا بندي جو فائدو ڪڻندي ٽينڪر مافيا پيئڻ جي پاڻي جي سپلاءِ لاءِ اگهه وڌائي ڇڏيا

مختلف علائقن جا رهواسي پاڻي ڦڙي لاءِ ترسڻ لڳا آهن، ضلعي انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل

رهواسين پٺائي ڪالوني جي مک چوڪ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، سرڪاري ٽينڪر هلائڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڪراچي واهه جي سالياني وارا بندي جو فائدو ڪڻندي ٽينڪر مافيا پيئڻ جي پاڻي جي سپلاءِ لاءِ اگهه وڌائي ڇڏيا، جنهن سبب سائيٽ جي مختلف علائقن جا غريب
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

مانجهند پرسان ڪوهيڙي سبب مسافر ڪوچ بيٺل ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي 3 ڄڻا زخمي

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان شديد ڪوهيڙي سبب سن کان حيدرآباد طرف ويندڙ مسافر ڪوچ بيٺل ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 3 مسافر زخمي ٿي پيا زخمين ۾ سن واسي جان محمد ملاح ڪلينر برڪت علي شاهه ۽ ٻيا شامل آهن جن کي مقامي ماڻهن تعلقہ اسپتال مانجهند منتقل ڪيو جتي سنڌس علاج ڪيو پيو وڃي جڏهن ته پوليس ٻنهي گاڏين کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

پنگريو: زخمي ٿيل ٻارڙو اسپتال ۾ داخل آهي

پنگريو ۾ پلاٽ جي تڪرار سبب خاصخيلي ۽ راجپوت ڌرين ۾ جهيڙو، ننڍڙو زخمي، احتجاج

جهيڙي ۾ 7 سالن جو پيربخش خاصخيلي زخمي، بيواهه عورت جو جوابدارن خلاف مظاهرو

بااثر راجپوت ماڻهن طرفان گهر تي حملو ڪري ڌمڪيون ڏنيون، پوليس ڪارروائي نٿي ڪري: عورت

پنگريو (ن ع) پنگريو پوليس جي حد ڳوٺ خيرپور گنبوه ۾ پلاٽ جي معاملي تان خاصخيلي ۽ راجپوت ڌرين ۾ تڪرار جي نتيجي ۾ مبينہ طور 7سالا معصوم پيربخش خاصخيلي جي زخمي ٿيڻ ڪري پيرسن بيواهه عورت پنهنجي جوان پٽ سميت دانهن کڻي پريس ڪلب پنگريو پهچي احتجاج رڪارڊ ڪرايو هن ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته بااثر راجپوت برادري جي ماڻهن سندن گهر تي حملو ڪري معصوم پيربخش خاصخيلي کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڌمڪيون ڏنيون آهن ته لڏي وڃو گهرخالي ڪري وڃو جنهن جي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اوباوڙو پرسان پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلي بعد ۾ مغوي بحفاظت بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

خفيہ اطلاع ملڻ تي رونتي ڪچي واري علائقي ۾ پهتاسين ته ڌاڙيلن فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

جوابي فائرنگ بعد ڌاڙيل پنجاب واسي اصغر علي ۽ محمد ياسين آرائين کي ڇڏي فرار ٿي ويا

ڌاڙيل عنصرن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون آهن علائقي ۾ امن امان جي بحالي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن

اوباوڙو (رپورٽ غلام قمبر ٻوهڙ) اوباوڙو پرسان رونتي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلي بعد ٻه مغوي بحفاظت بازياب ڪرايا ويا آهن. پوليس موجب خفيہ اطلاع ملڻ تي ڪچي واري
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ پينشنرز گرينڊ الائنس جي اڳواڻن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

مظاهرين محمد مراد چوڙو، محمد قاسم پناڻ، غلام عباس رند ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ملازمن جي پگهارن مان نسبتون ڪٽجڻ باوجود حڪومت ادائيگين کان انڪار ڪري رهي آهي

نوابشاهه (س.ر) سنڌ پينشنرز گرينڊ الائنس جي اڳواڻن محمد مراد چوڙو محمد قاسم پناڻ غلام عباس رند ۽ سيد عاشق علي شاهه نوابشاهه پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪرڻ بعد احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن حڪومت سنڌ کان پرزور مطالبو ڪيو ته سال 2020ع ڪان جيئن سالياني بجيٽ ۾ حاضر سروس ملازمن جي پگهارن سان گڏ رٽائرڊ ملازمن جي پينشن ۾ به هڪجهڙو اضافو ڪيو ويندو هو اهو پراڻو نظام بيهر بحال ڪيو وڃي. پريس ڪانفرنس دوران اڳواڻن چيو ته 2020ع کان پوءِ پينشن ۾ واڌ کي محدود ڪري سڄي سال ۾ صرف هڪ پيرو ڪيو ويو جيڪو رٽائرڊ ملازمن سان سراسر
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنگيارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 44هين ڏينهن به احتجاج جاري

ٽنگيارڪر (ن ع) ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو ڪوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 44هين ڏينهن به بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو احتجاجي ڪئمپ تي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٽنگيارڪر واسين ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف نعري بازي پڻ ڪئي اڳواڻن چيو ته ڪارونجهر جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

بدين ضلعي ۾ منشيات ۽ بدامني خلاف جي يو آءِ جو احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوباگو سميت بدين ضلعي ۾ منشيات سرعام هلي رهي آهي: مظاهرين

آئي جي سنڌ، ايس ايس پي بدين منشيات بند ڪرائي، چورين ۽ ڦورن روڪرايون وڃن

ٽنڊوباگو (ٽ ر) جمعيت علماءِ اسلام ٽنڊوباگو پاران ٽنڊوباگو سميت بدين ضلعي ۾ منشيات ۽ بدامني خلاف باگو واهه پل مولوي عبدالواحد ميمڻ مولوي ذوالقرنين لاکو جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن جي وڏي تعداد ريلي ڪڍي پريس ڪلب چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ٽنڊوباگو سميت بدين ضلعي ۾ منشيات سرعام هلي رهي آهي سفينا، گٽڪو ۽ شراب جي وڪري سبب نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي هنن آئي جي سنڌ، ايس ايس پي بدين کان گهر ڪئي ته بدين ضلعي جي سمورن
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: جي يو آءِ پاران بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نصرپور ۾ چور ڳوٺاڻن جون ٻڪريون چوري ڪري فرار، ڳوٺاڻن جو احتجاج

نصرپور (ن ع) نصرپور ٿاڻي جي حد مان ٻڪري چورن ڳوٺاڻن جون ٻڪريون ڪاهي ويا ٽنڊو ڪٽائي چڏين گذريل رات دير سان ڳوٺ امين ڪاڪيپوٽو مان ولي محمد ڪاڪيپوٽو جي گهر مان ڪي نامعلوم چور ٻه ٻڪريون چوري ڪري ويا جنهن جا پيرا کنيا چور ڪجهه فاصلي تي وڃي ٻڪرين کي ڪاهي ويا چورن جا پيرا روڊ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ لاڙ سجاڳ تحريڪ جو منشيات ۽ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوباگو (ٽ ر) ٽنڊوباگو ۾ لاڙ سجاڳ تحريڪ پاران ٽنڊوباگو سان منشيات خلاف ۽ ٽنڊوباگو ۾ فحاشي جا اڏا بند ڪرائڻ لاءِ اعجاز علي چانڊيو، مير اصغر ۽ اظهر بليدي جي اڳواڻي ۾ باگو واهه پل کان ريلي ڪڍي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن گهر ڪئي ته ٽنڊوباگو ۾ منشيات
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو جيل ۾ قيدي علي بخش ملاح جي پراسرار موت جو ڪيس داخل نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن جيل انتظاميہ خلاف داخل مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

وڏو وزير ۽ اعليٰ عملدار معاملي جو نوٽيس وٺي ملوثن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي:مظاهرين

ٺٽو (ڊ ر) سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي اڳواڻن هفتو اڳ ٺٽو جيل ۾ پراسرار نموني فوت ٿيل قيدي علي بخش ملاح جي قتل جو ڪيس جيل انتظاميہ خلاف داخل نہ ٿيڻ ۽ سنڌس وارثن تي تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي نہ ٿيڻ جي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو ڌمڪي ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ پرزور مطالبو ڪيو آهي ته علي بخش ملاح جي قتل جو ڪيس ٺٽو جيل جي ملوث عملدارن خلاف داخل ڪري سنڌس وارثن سان انصاف ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي صدر ماجد سڪندر ملاح علي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: پورهيت روزي جي انتظار ۾ ويٺل نظر اچي رهيا آهن

نيو سعيدآباد ۾ عورت جو پوليس اهلڪار جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

نيو سعيدآباد (ٽ ر) دوستي نہ رکڻ تان پوليس اهلڪار پورهيت عورت جي گهر جو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي. نيو سعيدآباد واسي حيدرآباد ۾ ڊيوٽي ڪندڙ پوليس اهلڪار شهر جي نويد سٽي ڪالوني ۾ دوستي نہ رکڻ تان ملاح برادري جي گهر جو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي، سوشل ميڊيا تي وڊيو بيان ۾ مسمات گل جان
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

تلهار ۾ چورين ۽ وڌندڙ بدامني خلاف جي يو آءِ جو احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين چوڪ ڪان فاروق اعظم چوڪ تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو

تلهار ۾ منشيات جو واهپو عام آهي، موٽر سائيڪل چوريون معمول بڻيل آهن:مظاهرين

تلهار (ن ع) جمعيت علماءِ اسلام طرفان تعلقہ تلهار ۾ وڌندڙ چورين امن امان جي بگڙيل صورتحال منشيات جي واهپي خلاف جمعيت علماءِ اسلام تعلقي تلهار جي صدر عبدالصمد جمالي جنرل سيڪريٽري مفتي عبدالرحيم دلواڻي جي اڳواڻي ۾ بڙ چوڪ ڪان فاروق اعظم چوڪ تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل ٿي ويئي حيدرآباد پنگريو جهڏو ڪراچي ملي ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي ويئي مظاهري ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي مختلف يونٽن سياسي سماجي اڳواڻن شهرين شرڪت ڪئي انهي موقعي تي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ملي وين ٽڪر ۾ فوت ٿيل ٽينگر جو وين ڊرائيور مٿان ڪيس داخل

ملي (ڊ ر) گذريل ڏينهن ملي جي اپر بجير ڪالوني ۾ وين جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويل معصوم ٽينگر رونق عباس واقعي جو ملي ٿاڻي تي ٽينگر جي والد راشد بجير جي فرياد تي وين ڊرائيور اختر بجير مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو.

ٽنڊو محمد خان ۾ 250 استاد 11 مهينن کان پگهارن کان محروم

استادن جون جوائننگ ڊيٽا بيس ۾ مسئلا ۽ ٽريزري آفيس ۾ رڪاوٽ سبب پگهارون نہ مليون

ٽريزري آفيس اندر سرعام رشوت طلب ڪئي وڃي پئي، ڪو به نوٽيس نہ پيو ورتو وڃي:استاد

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي جي 250 استاد گذريل 11 مهينن کان پگهارن کان محروم، ٽريزري آفيس ۾ جوائننگ ڊيٽا بيس تي پگهار رڪيل، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ تعليم کاتي جي آئي بي اي ٽيسٽ قابليت تي پاس ٿيندڙ جي ايس ٽي جي 105 ۽ پي ايس ٽي جي 145 استادن کي گذريل 11 مهينن کان ڪراچي جي اي جي سنڌ تعليم کاتي جي سيڪريٽريٽ مان سندن جوائننگ جي ڪاغذن ۾ ڪاغذ چيڪ ڪرڻ ۽ ڊيٽا بيس نہ موڪلڻ واري اشو ڪانيو وري ٽنڊو محمد
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: هڪ نوجوان ڪلهي تي شالون رکي وڪرو ڪري رهيو آهي

دادو ۾ شاپنگ سينٽر مالڪي تي تڪرار، فائرنگ سبب شهر ۾ خوف، احتجاج

عدالتي حڪم سان 23 دڪان علي نواز رند کي منتقل، پوليس موجودگي ۾ فائرنگ

فائرنگ ۾ دڪاندار عاشق علي زخمي ٿي پيو، ڪاروبار بند، زخمي اسپتال منتقل

واپارين ۽ رند برادري جو پوليس ۽ فائرنگ ڪندڙن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دادو (ڊ ر) دادو جي جڙيل شاهه مارڪيٽ ۾ قائم شاپنگ سينٽر جي مالڪي وارو معاملو ايوب ملاح ۽ پ پ اڳواڻ علي نواز رند برادري ڌرين ۾ تڪرار تيز ٿي ويو آهي، عدالتي حڪم تي شاپنگ سينٽر جا 23 دڪان علي نواز رند حوالي ڪالهه ڪيا ويا، جڙيل شاهه مارڪيٽ ۾ پوليس جي موجودگي ۾ اوچتو وڏي هوائي فائرنگ جو سلسلو شروع ٿي ويو فائرنگ جي ڌڪاءُ سبب ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي، پوليس به جاءِ واردات تان فرار ٿي وئي، فائرنگ ۾ هڪ دوڪاندار عاشق علي پٽ سڪندر علي منگي گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ خانپورمهر واسي جو ملڪيت تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

گهوٽڪي (ن ع) خانپور مهر چوڙري جان محمد سوسائٽي جي رهواسي محمد بشير ولد مقبول احمد آرائين گهوٽڪي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پنهنجي گڏيل ڪاروبار ۾ شريڪ اشفاق احمد ولد محمد ايوب تي مبينا ڪروڙين رپين جي مالي بدعنواني، گڏيل ڪاروبار ۽ ملڪيت تي ناجائز قبضي، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ جماعت اسلامي ۽ استاد تنظيمن جو تعليم جي فروغ لاءِ ريلي

جماعت اسلامي ۽ استاد تنظيمن جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ سرڪار فوري طور اسڪول سهولتن جي فراهمي ۽ تعليمي نظام بهتري ڪري:مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ جماعت اسلامي ۽ استاد تنظيمن پاران تعليم جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن شهرين والدين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي گهنٽا گهر چوڪ ڪان پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي انهي دوران ريلي جي اڳواڻي ڪندڙن جماعت اسلامي جي صوبائي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف، حافظ نصر الله چنہ غلام مصطفيٰ ميراڻي مولوي رفيع الدين چنہ عبيد الله ميراڻي شبير احمد ميراڻي ڊاڪٽر ميهر چنڊ، ظريت ساگر بجاراڻي محسن خان پٺاڻ عبدالعزيز
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: جماعت اسلامي پاران حقوق تعليم ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڏگهڙي واسي جو مختيارڪار آفيس جي عملي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي، مير غلام حيدر ٽائون جي رهواسي محمد هاشم قمبراڻي ڏگهڙي پريس ڪلب پهچي ڏگهڙي جي مختيارڪار (روينيو) آفيس جي عملي خلاف سخت الزام هنيا آهن.پريس ڪانفرنس ڪندي هاشم قمبراڻي الزام لڳايو ته مختيارڪار آفيس ۾ مقرر ٽپيدار مبينا طور داخلائن لاءِ رشوت طور وڏي رقم طلب ڪري رهيو آهي. هن چيو ته عام
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت نوجوان جو پاڪ ڪتاب کڻي سيپڪو عملي جي مبينا ناجائزين خلاف مظاهرو

ڏهن مهينن کان ٽرانسفارمر خراب هجڻ باوجود اسان کي واڌو بل اماڻيو پيو وڃي: بابر علي ابڙو

احتجاج دوران نوجوان سيپڪو عملي جي مبينا ناجائزين خلاف روئي ويٺو، انصاف جي گهر

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ميرڻ شاهه پاڙي جي رهواسي پورهيت نوجوان پاڪ ڪتاب کڻي سيپڪو عملي جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي روئي ويٺو ان موقعي تي پورهيت نوجوان بابر علي ابڙو الزام لڳائيندي چيو ته 3 مهينن کان علائقي جو ٽرانسفارمر خراب هجڻ جي باوجود سيپڪو انتظاميہ ڪافي مهينن کان واڌو بل اماڻيو پيو وڃي جنهن ڪري مان پورهيت سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهيان بل جي درستگيءَ لاءِ ڪافي پيرا سيپڪو سب ڊويزن ايمپائر جي آفيسرن سان ملاقاتون ڪري شڪايت ڪئي پر ان جي باوجود ڪو تدارڪ نہ ڪيو ويو ۽ هاڻي آفيس جو عملو بل ادا نہ ڪرڻ جي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڄام صاحب: معذورن جي ڪوٽا تي نوڪري نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڄام صاحب ۾ نوڪريون نہ ملڻ خلاف معذورن جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين خادم حسين شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڪوٽا تي نوڪريون نہ ملڻ خلاف ڇهه ڏينهن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون ڪير ٻڌڻ وارو ناهي: مظاهرين

ڄام صاحب (ن ع) معذور ڪوٽا تي نوڪريون نہ ملڻ خلاف معذورن پاران خادم حسين شيخ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي معذورن مجتبا شر غاجي خان مري، چيو ته اسان کي اڄ ڇهون ڏينهن آهي علامتي بک هڙتال تي ويٺل آهيون ڪوبہ ضلعي انتظاميہ نہ پ پ جو ڪو اڳواڻ نہ پهتو آهي ڇو جو اسان غريب معذور آهيون انهي جي ڪري، اڄ ڇهين ڏينهن کان دانهون ڪري رهيا آهيو ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي اسان هن مهانگائي جي دور ۾ اسان پنهنجي ٻچن کي ٻن ويلن جي ماني کائڻ لاءِ پريشان آهيون ۽ فاقا ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهيون اسان جا جائز
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ هٿياربند ڦورن کان روڪ رقم، موبائيل فون ۽ اٽو ڦري فرار

نارو ٻورو روڊ تي هٿياربند دڪاندار ريحان، موئن ۽ رينواز ڪناسرو کي يرغمال بڻايو

هٿيارٻند 4 موبائل فون، 20 هزار روڪ ۽ اٽو جي ٻوري ڦري ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي: متاثرين

خيرپور (ڊ ر) خيرپور لڳ سوهو ڪناسرا واسي موبائيلن جي دڪاندار ريحان ڪناسرو، موئن ڪناسرو ۽ رينواز ڪناسرو خيرپور کان ڳوٺ سوهو ڪناسرا وڃي رهيا هئا ته نارو ڏورو روڊ تي ڦرجي وارادات جو شڪار ٿي ويا. جڏهن ته ڦورو 4 موبائيل فون 20 هزار روڪ رقم سميت اٽو جي ٻوري ڦري ويا هنن ٻڌايو ته اسان ڳوٺاڻن ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت چورن جا پيرا کڻي رهيا آهيون هنن ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

ٽنڊو محمد خان: گهرو مان ڦر ڪندڙ عورتون پوليس جي حراست ۾ بيٺل آهن

نوري آباد ۽ پرپاسي ۾ پوليس جو ڪومبنگ آپريشن، شڪي ماڻهن جا تلاشي

ڊي ايس پي شاهنواز جوکيو جي اڳواڻي ۾ رستن تي ناڪابندي ۽ سنيپ چيڪنگ ڪئي وئي

شڪي گاڏين، گهرن، هوٽلن ۽ ٻين حساس علائقن ۾ اڻڄاتي چيڪنگ ڪئي وئي

نوري آباد (ن ع) ڊپٽي آءِ جي پوليس حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو جي حڪمن جي روشني ۾ ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا جي خاص هدايتن تي ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو جي اڳواڻي ۾ نوري آباد پوليس پاران نوري آباد ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ تفصيلي سرچ اينڊ ڪومبنگ آپريشن جاري آهي. هن آپريشن جو مقصد علائقي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال کي برقرار رکڻ ڏوهاري عنصرن جي چرپر تي سخت نظر رکڻ اشتهاري ۽ مفرور جوابدارن جي گرفتاري ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آهي. سرچ اينڊ ڪومبنگ آپريشن دوران مختلف داخلي ۽ خارجي رستن تي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري جي صدارت ۾ پوليو ايراڊيڪيشن ڪميٽي جو اجلاس

پوليو مهم جي حوالي سان رپورٽ ۾ 181,247 هدف رکڻ ۽ 590 ٽيمون مقرر ڪرڻ جو اعلان

سمورا لاڳاپيل ادارا مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪن ۽ حساس علائقن تي ڌيان ڏين: ڊي سي

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ جي صدارت هيٺ لطيف هال ڊپٽي ڪمشنر آفيس مٽياري ۾ ڊسٽرڪٽ پوليو ايراڊيڪيشن ڪميٽي (DPEC)جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايندڙ پوليو مهم بابت تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ايس ايس پي مٽياري راٺو عارف اسلم ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو مٽياري اقرا جنت، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر آصف حسين شاهه اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبد الستار شيخ، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر اسسٽنٽ ڪمشنر سعيدآباد عبد الغفور ۽ ٻين
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

هالا مخدوم رفيق الزمان جو اسٽيٽ مئنيجر فقير حسين علي جعفري گذاري ويو

جنازي نماز ۾ مخدوم فخرالزمان شفيق الزمان، سهيل الزمان زوار گل پٺهور ۽ ٻين جي شرڪت

مرحوم جو ٽئون هالا جي العباس امام بارگاهه ۾ رجايو ويو آهي جتي پوئيٽرن سان تعزيتي سلسلو جاري آهي

هالا (ت ر) مخدوم هائوس هالا جو وفادار ساٿي اڳوڻي گهرو وزير ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان ، ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرالزمان جن جو اسٽيٽ مئنيجر زوار فقير حسين علي جعفري ڪجهه عرصو علي رهڻ بعد گذريل رات اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني جهان مان رضاءِ الاهي سان لاڏاڻو ڪري ويو . سنڌس فوتگيءَ جي اطلاع تي هالا جي فضا سوڳ ۾ ڇانئجي وئي . مرحوم فقير حسين علي جعفريءَ جي جنازي نماز هالا جي درگاهه مخدوم سرور نوح ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ مخدوم هائوس جي فردن ايم پي اي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پوليو کان بچاءُ جي مهم قومي ذميواري آهي: ڊپٽي ڪمشنر

والدين پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا لازمي پيارن آهن

مهم دوران ٽيمون هر ڳوٺ ۽ علائقي تائين پهچڻ لاءِ بهتر رٿابندي ڪن

بدين (ڊ ر) سال جي پهرين پوليو کان بچاءُ واري قومي مهم 2 فيبروري کان شروع ٿي رهي نئين سال ۾ نئين جوش ۽ جذبي سان پوليو جي خاتمي لاءِ موثر مهم هلائي ويندي، تہ جيئن هر ٻار جو مستقبل محفوظ بڻائي سگهجي ان حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي جي صدارت ۾ دربار هال ۾ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي، جتي لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي گڏجاڻي دوران تعلقا فوڪل پرسن بدين ڊاڪٽر شيراز خواجہ ۽ تعلقا فوڪل پرسن شهيد فاضل راهو ڊاڪٽر رمضان آرائين جي غيرحاضري جو سخت نوٽيس
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ريلوي پوليس پاران ڪيسا ڪٽيندڙ ٽولي جون 3 عورتون گرفتار

ريلوي اسٽيشن تان نمرا، شاذيه ۽ الشبه کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

گرفتار عورتن جي قبضي مان چوري ٿيل موبائيل فون ۽ ٻيو سامان برآمد ڪيو ويو آهي

ٽنڊوآدم (ن ع) ريلوي پوليس ٽنڊوآدم عوام پوليس جي چوڪي انچارج راڄ شفيق احمد ڪارروائي ڪندي ڪراچي کان ايندڙ عوام ايڪسپريس ٽرين ۾ ڪيسا ڪٽيندڙ عورتن جي ٽولي کي گرفتار ڪري ورتو ڪارروائي دوران ريلوي اسٽيشن ٽنڊوآدم تان ٽي عورتون نمرا، شاذيه ۽ الشبه کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان مسافرن جا چوري ٿيل موبائل فون ۽ ٻيو سامان برآمد ڪيو ويو آهي جڏهن تہ وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي. ريلوي پوليس مسافرن کي اپيل ڪئي آهي تہ سفر دوران پنهنجي سامان ۽ قيمتي شين جو خاص خيال رکڻ ۽ ڪنهن بہ شڪي سرگرمي بابت فوري طور پوليس کي اطلاع ڏين.

ٽنڊو آدم: واردات ڪندڙ عورتون پوليس جي حراست ۾ بيٺل آهن

دادو عدالت قتل جو ڏوهه ثابت نہ ٿيڻ تي جوابدار ارشاد چيما کي بري ڪري ڇڏيو

نور مصطفيٰ پٺاڻ ۽ 8 پوليس وارن کي قلم 201 پي پي سي تحت ست سال سزا ۽ جرمانو

دادو (رپورٽ-ولي محمد لنڊ) فرسٽ ايڊيشنل سيشنس جج دادو جبران جي قتل ڪيس ۾ جوابدار ارشاد چيما کي قتل ثابت نہ ٿيڻ جي ڪري با عزت ڏوهه مان بري ڪري ڇڏيو باقي نور مصطفيٰ پٺاڻ ۽ 8 پوليس وارن کي قلم 201 پي پي سي تحت ست سال سزا ۽ جرمانو لڳايو نور مصطفيٰ ۽ 8 ٻين پوليس وارن تي جبران جي قتل ثابت نہ ٿيو نہ ئي جبران جو اغوا ثابت ٿيو .ڪورٽ نور مصطفيٰ ۽ 8 پوليس وارن کي قتل ۽ اغوا ۾ بري ڪيو باقي 201 قلم واري سزا برقرار رکي، دادو جي عدالت قتل ڪيس ۾ انسپيڪٽر سميت 9 پوليس
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پرسان جهيڙي ۾ ڌرين جي چٽاڻ دوران قتل ٿيل نوجوان جي وارثن جو مظاهرو ڌرڻو

مقتول عبدالغفار جتوئي جا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف وارثن ايس ايس پي چوڪ تي احتجاج ڪيو

نوجوان ڌرين کي چٽاڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جوابدار عبدالحميد فائرنگ ڪري قتل ڪيو آهي: الزام

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان پير شير ايٽ عاقل ٿاڻي جي حد ڳوٺ نور خان جتوئي ۾ 5 ڏينهن اڳ پراڻي تڪرار تان جهيڙي ۾ چٽاڻ دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ قتل ٿي ويل نوجوان عبدالغفار جتوئي جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف وارثن ايس ايس پي چوڪ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي جتي هنن پوليس خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي مقتول نوجوان جي پائرن محمد ياسر جتوئي، جاويد جتوئي پنهنجي چاچن محمد ياسين عبدالستار وارثن هادي بخش صدام حسين جتوئي ۽ ٻين سان گڏجي دانهيندي چيو تہ ڳوٺ عبدالحميد جتوئي ۽
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٺاٺوبولاخان گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ تعليم جو ڏهاڙو پرپور نموني

اسڪول ۾ هڪ تقريب منعقد ڪري شاگردن کي تعليم جي فائدن بابت ڄاڻ ڏني وئي

علم روشني آهي ۽ تعليم سان ئي ترقي ممڪن آهي: هيڊ ماسٽر نورالدين

ٿاٿوبولاخان (ن ع) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ملڪ صفر خان ٿاٿو بولا خان ۾ 8جنوري تعليم جو ڏهاڙو استادن توڙي شاگردن جي طرفان پرپور نموني ملهايو ويو اسڪول ۾ هڪ تنديري تقريب منعقد ڪري شاگردن کي تعليم جي فائدن بابت ڄاڻ ڏني وئي استادن توڙي شاگردن تي ڳالهايو شاگردن تقريرون ڪيون ۽ تعليمي گيت علمي شاعري پيش ڪئي ان
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

جامشورو ۾ اينٽي ڪرپشن پوليس جو لمس جي ليبارٽري تي ڇاپو، جونيئر ڪلارڪ گرفتار

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪرپشن جي الزام هيٺ اينٽي ڪرپشن پوليس لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي ملازمن جي تنظيم لسوا جي صدر مخدوم اشفاق احمد جي درخواست تي لمس جي ليبارٽري تي ڇاپو هڻي جونيئر ڪلارڪ سرفراز سيمڻ کي گرفتار ڪري ورتو آهي . قوتي ملازمن جي پئسن مان خرد برد ڪرڻ ۽ غير قانوني
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو جي ڊگري ڪاليج ۾ ٿيليسيميا بيماري بابت آگاهي پروگرام ٿي گذريو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو جي غلام رباني آگرو ڊگري ڪاليج ۾ ٿيليسيميا بيماري جي آگاهي لاءِ هڪ اهم پروگرام منعقد ڪيو ويو جيڪو ڊگري ڪاليج جي پرنسپال سيد نثار علي شاهه ۽ حاجي عبدالرزاق گهانگهرو جي تعاون سان ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي نوابشاهه پاران ڪرايو ويو پروگرام ۾
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه مان پينو فقيرن جون ٽي معصوم ٽينگريون ٽن ڏينهن کان لاپتا، وارثن جو احتجاج

غلام حيدر شاهه ڪالوني واسين سرينا، نصيبہ، چنڊو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

اسان جون ٽي معصوم ٽينگريون ٽي ڏينهن اڳ پنڻ ويون تہ واپس ناهن موٽيون، ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

واقعي بابت اي سيڪشن ٿاڻي تي اطلاع ڏنو ويو پر پوليس ٻارن کي ڳولڻ بدران ٽال مٽول ڪرڻ ۾ لڳل آهي

نوابشاهه (س.ر) نوابشاهه ۾ پينو فقيرن جي معصوم لاپتا ٻارن لاءِ نوابشاهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: پينو عورتون گم ٿيل ٻن ٻارڙن خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

خانپورمهر ۾ چور سيپڪو آفيس جا تالا ٽوڙي 5 ٽرانسفارمرن جون ڪوئلون ڪڍي ويا

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر خانگڙهه روڊ تي قائم سيپڪو آفيس ۾ گذريل رات نامعلوم چور اسٽور روم جا تالا ٽوڙي 5 بجلي جي ٽرانسفارمرن جو ڪوئلون چوري ڪري ويا ان دوران ٽرانسفارمرن ۾ پيل قيمتي تيل پڻ ضايع ٿي ويو اهڙو اطلاع سيپڪو عملي پاران خانپورمهر پوليس کي ڏنو ويو خانپورمهر پوليس سيپڪو آفيس
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊي باگي واسي مقتول ارشاد ميمڻ جا قاتل گرفتار نہ ٿيا، والد جو احتجاج

ٺٽون ڪوٽ ۾ مقتول جي والد احتجاجي مظاهرو ڪندي نعريبازي ڪئي

ڊيپلو پوليس هن مهل تائين نوجوان جي قاتلن جو پتو لڳائي ناهي سگهي:گلزار ميمڻ

ٺٽون ڪوٽ (ن ع) ٽنڊو باگو واسي نوجوان مقتول ارشاد ميمڻ واري واقعي ۾ ڪا اڳيرائي نہ ٿي، ڊيپلو پوليس نوجوان جا قاتل گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام بڻيل والد جو ٺٽون ڪوٽ ۾ احتجاج مقتول ارشاد ميمڻ جي والد گلزار ميمڻ ٺٽون ڪوٽ پريس ڪلب پهچي دانهيندي چيو تہ 7 نومبر تي ڊيپلو پوليس جي حد مان ڳوٺ هيلاريو پرسان منهنجي پٽ ارشاد ميمڻ جو جهنگ مان گولي لڳل لاش مليو جنهن بعد واقعي جو ڪيس ڊيپلو ٿاڻي تي داخل ڪرايو ڊيپلو پوليس هن مهل تائين نوجوان جي قاتلن جو پتو لڳائي ناهي سگهي، اسان کي معلوم
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

مانجهند پرسان پوليس جي ڪارروائي، چوري ٿيل ڪار هٿ، 2 ڄڻا فرار، ڪيس داخل

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪجهه وقت اڳ چوري ٿيل ڪار جي ناڪابندي ڪرائي ڪار تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جنهن تي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ ناياب وڻن جي غيرقانوني ڪٽائي جو سلسلو جاري، ٻيلو ڪاتو ننڊ ستل

ٻيلن مان لکين رپيين جو عمارتي ڪاٺ وڍجي وڪري لاءِ منتقل ڪيو پيو وڃي

وڻن جي واڍي سبب ماحوليات ۾ آلودگي، موسمي تبديلين ۽ جهنگلي جيوت کي نقصان

غيرقانوني ڪٽائي ۾ ملوث مافيا خلاف سخت ڪارروائي ڪري وڻن جي نسل ڪشي بند ڪئي وڃي:شهري

دڙو (ن ع) دڙو ٻنون جي جرائن ڪڍي ۽ مولچند ٻيلن مان سرعام غيرقانوني ناياب وڻن جي ڪٽائي جو سلسلو زور شور سان جاري، سجاول ضلع جو ٻيلو ڪاتو وڻن جي ڪٽائي واري سنگين صورتحال کي روڪڻ ۾ مڪمل طور ناڪام رهيو لکين رپيين جو عمارتي ڪاٺ ٻيلن مان روڊجي ڪاٺ جي ڏکن ۽ آرامشينن تي وڪري لاءِ پهچايو پيو وڃي، ماحول مان آلودگي کي ختم
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ ڏاڙي الزام ۾ 8 ڦورو عورتون گرفتار، ڪيس داخل

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي انور ڪالوني جي گهرن مان ڏاڙي جي الزام ۾ 8 ڦورو عورتن جي پوليس ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ڪانپوءِ گرفتاري ظاهر ڪري ڇڏي ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي انور ڪالوني مان گذريل ڏينهن گهرن مان لکين رپيين جي ماليت جا سونا زيور، نقد رقم ڦر ڪرڻ واري وارادات ۾ رهواسين
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ پوليس مقابلي ۾ بدنام ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار

پراڻي بائي پاس تي مقابلي بعد ذوالفقار ميراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو: پوليس

ڏوهاري جي قبضي مان پستول ۽ گوليون برآمد ڪيون سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا

خيرپور (ڊ ر) خيرپور لڳ پراڻي بائي پاس تي پوليس مقابلي ۾ بدنام ڌاڙيل ذوالفقار ميراڻي کي شديد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جيڪو مختلف ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هو ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب ڏوهارين جو ٽولو واردات ڪرڻ لاءِ پراڻي بائي پاس تي آيو هو جتي شاهه لطيف ٿاڻي جي پوليس سان مقابلو ٿيو فائرنگ جي نتيجي ۾ ٽولي جو سربراهه ذوالفقار ميراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ زخمي ڏوهاري کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن تہ هن جي قبضي مان پستول ۽گوليون برآمد ڪيون ويون جڏهن تہ هن جا ٻہ ساٿي فرار ٿي ويا، جن جي گرفتاري لاءِ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: ايس يو پي سربراهه زين شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

خيرپور پوليس پاران 5 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور (ڊ ر) ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي حڪم تي خيرپور پوليس پاران منشيات، غير قانوني اسلحو رکڻ وارن ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪامياب ڪارروائيون جاري آهن جڏهن تہ ڪامياب ڪارروائين ۾ 5 ڏوهاري گرفتار ڪيا ويا، جن جي قبضي مان منشيات اسلحو ۽ چوري ٿيل رقم برآمد
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

8فيبروري تي ملڪ ۾ شٽرڊائون ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال ڪئي ويندي: زين شاهه

موجوده سياسي جعلي نظام جي خاتمي لاءِ سياسي جماعتن سان گڏجي جدوجهد ڪنداسين

جيڪڏهن نئين آءِ جي کي اختيار ڏنا ويا تہ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي

هنگورجا (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه چيو آهي موجوده سياسي جعلي نظام جي خاتمي لاءِ سياسي جماعتن سان گڏجي جدوجهد ڪنداسين جئين ماضي ۾ سياسي سماجي آبادگارن سان گڏجي پاڻي لاءِ جدوجهد ڪئي سنڌ ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي سان گڏجي يا سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي پليٽ فارم جدوجهد ڪنداسين. عمران خان جي آزادي ممڪن آهي عمران خان هڪ ڏينهن ضرور آزاد ٿيندا ۽ موجوده وفاقي وزير جيلن ۾ هوندا . سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي پر جيڪڏهن نئين آءِ جي سنڌ کي اختيار ڏنا ويا ۽ تہ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي. 8 فيبروري
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

دادو: شاپنگ سينٽر جي مالڪي تان فائرنگ ۾ زخمي ٿيل شخص ٻي طرف تاجرن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊي سي سکر سوهوديرو لڳ سماجي تنظيم پاران ٽن ڏينهن واري اکين جي ميڊيڪل ڪيمپ جو افتتاح

سوهوديرو (ن ع) ايم ٽي اي ويلفيئر ٽرسٽ طرفان 19هون سالياني ٽن ڏينهن وارو مفت
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ايس ايس پي دادو جي زخمي پوليس اهلڪارن جي عيادت

اي ايس آءِ شمس الحق قريشي ۽ ڪانسٽيبل شفيق احمد لنڊ جي سرجري بعد حالت بهتر

دادو (ڊ ر) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي حيدرآباد ۾ زخمي پوليس اهلڪارن اي ايس آءِ شمس الحق قريشي ۽ ڪانسٽيبل شفيق احمد لنڊ جي عيادت ڪئي زخمي اهلڪار فائرنگ واقعي ۾ سخت زخمي ٿيا هئا، جن جي ڪامياب سرجري بعد حالت اطمينان بخش آهي ايس ايس پي دادو طبي سهولتن جو جائزو ورتو ڊاڪٽرن کي بهتر علاج جون هدايتون ڏنيون ۽ اهلڪارن جي بهادري کي ساراهيو واقعي جو ڪيس دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل ڪيو ويو پوليس موجب پوليس ڪارروائي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ سٽي ريلوي ڪالوني گيٽ ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سٽي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي خلاف ٽيڊنڊڙ سازشون اڄ جون نہ پر انگريزن جي دور کان وٺي جاري آهن: قادر مگسي

سنڌ هڪ زرخيز، مالامال ۽ قدرتي وسيلن سان ڀرپور خطو آهي، جتي دنيا جي هر نعمت موجود آهي

سنڌين کان سندن ڌرتي کسڻ لاءِ مختلف سازشون ڪيون پيون وڃن، جن کان باخبر ۽ سجاڳ ٿيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

وفاقي پارٽيون وٽ سنڌ خوشحالي لاءِ ڪو به واضع پروگرام ناهي، نہ ئي پورهيت طبقي جي بهتري لاءِ ڪا سنجيده حڪمت عملي موجود آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) لاڙ ڊويزن جي ضلع عهديدارن ۽ سوشل ميڊيا ٽيم جي اڳواڻن جو هڪ اهم ۽ جامع اجلاس پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي صدارت
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5



هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.